REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 16 آڪٽوبر 2023 ع بمطابق 29 ربيع الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 140

اسرائيل غزه ۾ فلسطينين جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي: پاڪستان

رياض ۾ او آءِ سي ڪانفرنس دوران سعودي هم منصب سان ملاقات جو منتظر آهيان. فلسطين جو معاملو تمام اهم آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسرائيل جارحيت ڏيکاري رهيو آهي: جليل عباس جيلاني

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ 17 ۽ 18 آڪٽوبر تي چين جو اهم دورو ڪندو جتي هو چيني صدر شي جن پنگ جي دعوت تي ٽئين بيلٽ اينڊ روڊ فورم ۾ شرڪت ڪندو

بيجنگ ۾ بي آر آءِ جي اهم فورم سان خطاب ۾ واپار جي هٽي ۽ سرمائيڪاري بابت پاڪستان جي وزن سان فورم ۾ شامل ٿيندڙن کي آگاهه ڪنداسين

فلسطين مسئلي تي پاڪستان ۽ سعودي عرب جو موقف تبديل نه ٿيو آهي. پاڪستان 1967 ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد فلسطيني رياست چاهي ٿو جنهن جو گادي جو شهر القدس الشريف هجي

18 آڪٽوبر تي جده ۾ او آءِ سي جو خصوصي اجلاس ٿيندو جنهن ۾ غزه جي انساني المئي تي ڳالهيون ٿينديون ۽ جنگبندي تي عمل ڪرڻ لاءِ پڻ غور ڪيو ويندو

اسلام آباد (م د) نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني چيو آهي ته اسرائيل غزه ۾ فلسطينين جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي جليل عباس جيلاني چيو آهي ته نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ 17 ۽ 18 آڪٽوبر تي چين جو اهم دورو ڪندو جتي هو چيني صدر شي جن پنگ جي دعوت تي ٽئين بيلٽ اينڊ روڊ فورم ۾ شرڪت ڪندو. بيجنگ ۾ بي آر آءِ جي اهم فورم سان خطاب ۽ واپار جي هٽي ۽ سرمائيڪاري بابت پاڪستان جي وزن سان فورم ۾ شامل ٿيندڙن کي آگاهه ڪنداسين نگران پرڏيهي وزير اسرائيل طرفان فلسطين ۾ شهري آبادي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

حڪومت 4 حاضر سروس
فوجي آفيسرز جون خدمتون
نيب حوالي ڪري ڇڏيون

اسلام آباد (م د) حڪومت 4 حاضر سروس فوجي آفيسرز جون خدمتون نيب حوالي ڪري ڇڏيون. اسٽيبلشمينٽ ڊويزن پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب وزيراعظم جي منظوري سان 4 حاضر سروس فوجي آفيسرز جون خدمتون سيڪنڊمنٽ جي بنياد تي نيب حوالي ڪيون ويون. برگيڊيئر محمد خالد کي ڊائريڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

غزه تي اسرائيلي فورسز جي بمباري جاري، شهيد فلسطينين جو انگ 3 هزار کان وڌي ويو

حماس اسرائيل کي غزه تي زميني ڪارروائي کان خبردار ڪندي تيارين جي نئين وڊيو جاري ڪري ڇڏي، جهڙي طرح خطي مان داعش کي ختم ڪيو، اهڙو انجام اسرائيل جو ٿيندو: جنرل شيخ نعيم قاسم

ڊبليو ايڇ او پاران فلسطينين کي غزا ڇڏڻ واري اسرائيلي حڪم جي مذمت ڪئي وئي، اسپتالن ۾ موجود مريضن کي ڪڍڻ تي مجبور ڪرڻ موت جي سزا هوندي: ڊبليو ايڇ او

اسرائيل پاران غزا جو بند ڪيل پاڻي زندگي ۽ موت جو مسئلو بڻجي ويو آهي، ايرو اين جي ڪمشنر جنرل فلپ لازاريني موجب هن وقت 2 ملين ماڻهن کي پاڻي نه ملي رهيو آهي: گڏيل قومون

پوري طرح تيار آهيون، جهڙي طرح داعش کي ختم ڪيو، ساڳيو انجام اسرائيل جو ٿيندو: حزب الله

عرب ملڪ ۽ گڏيل قومن جي سفيرن طرفان سڌو سنئون اسان کي جنگ ۾ مداخلت نه ڪرڻ جو چوڻ سان اسان تي ڪوبه اثر نه پوندو

ڪراچي (م د) غزه تي اسرائيلي فورسز جي بمباري جاري، شهيد فلسطينين جو انگ 3 هزار کان وڌي ويو 6 هزار کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا اسرائيل طرفان غزه تي هوائي، ساموڊي ۽ زميني حملن جون به تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. اسرائيلي فوج چيو آهي ته دهشتگردي جي پاڙ اکيڙڻ جو وقت اچي ويو آهيحماس اسرائيل کي غزه تي زميني ڪارروائي کان خبردار ڪندي تيارين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

تل ابيب: اسرائيلي فوجي ٽئنڪن ذريعي معصوم فلسطينين مٿان بمباري ڪري رهيا آهي

هڪ به فلسطيني غزه نه ڇڏيندو، آمريڪي ۽ اسرائيلي ڳٺ جوڙ کي ناڪام بڻائينداسين: حماس

مصر اسان جو مسلم بردار ملڪ ۽ مصري اسان جا ڀائر آهن پر مصر ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ مسئلي جو حل ناهي

فلسطينين جو اهو ئي فيصلو آهي ته هو پنهنجو ملڪ نه ڇڏيندا ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ئي رهندا

فلسطينين کان زبردستي سرزمين خالي ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائينداسين

ڪراچي (م د) حماس چيو آهي ته هڪ به فلسطيني غزه نه ڇڏيندو. سمورن فلسطينين جو فيصلو آهي ته هو پنهنجي ملڪ ۾ ئي رهندا، آمريڪي ۽ اسرائيلي ڳٺ جوڙ کي ناڪام بڻائينداسين. حماس سربراهه اسماعيل هانيه واضح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عزا لاءِ پاڻي زندگي ۽ موت جو مسئلو بڻجي ويو آهي: گڏيل قومون

اسرائيل غزا تي حملا ڪري پاڻي جي سپلاءِ بند ڪري ڇڏي آهي جنهن جي ڪري فلسطينين لاءِ پاڻ هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو

هن وقت ٻه ملين ماڻهن کي پاڻي دستياب ناهي جنهن جي ڪري هنن جي زندگي ۾ ڏکيايون وڌيڪ وڌي ويون آهن

هڪ هفتي کان غزا ۾ انساني امداد جي اجازت ناهي، رڳو پاڻ جي کوٽ سبب فلسطينين کي گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي

نيويارڪ (م د) گڏيل قومن موجب اسرائيلي فوج جي گهيراءُ کان پوءِ غزا لاءِ پاڻي زندگي ۽ موت جو مسئلو بڻجي ويو آهي. فلسطينين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اوگرا پيٽروليم شين جي
اگهن ۾ لاٿ جو ورڪنگ پيپر
حڪومت کي موڪلي ڇڏيو

اسلام آباد (م د) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٿ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بيت المقدس: فلسطيني شهري هڪٻئي کي آٿت ڏيڻ دوران روئي رهيا آهن

اسرائيل حماس جنگ، سعودي ولي عهد آمريڪا کان ڪُرو مطالبو ڪري ڇڏيو

پنهي اڳواڻن عام شهرين جي تحفظ ۽ وچ اوڀر ۾ استحڪام آڻڻ تي اتفاق ڪيو

عزا ۾ بيگناهه ماڻهن کان حياتيون کسيندڙ فوجي ڪاررواين کي روڪيو وڃي: محمد بن سلمان

رياض (م د) سعودي ولي عهد محمد بن سلمان اسرائيل جي مظلوم فلسطينين تي وحشياڻي بمباري تي آمريڪا کي ڪُرو مطالبو ڪري ڇڏيو آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪينيڊين وزيراعظم جي حملن خلاف آواز اٿاريندي پيغام جاري ڪري ڇڏيو

اسرائيل طرفان فلسطينين تي ڪيل بمباري ۾ هيل تائين 2500 ماڻهو شهيد ٿي ويا

سڄي دنيا ۾ عام عوام ۽ مشهور شخصيتن ان وحشياڻي جنگ تي پنهنجي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو

اوٽاوا (م د) ڪينيڊين وزيراعظم جي حملن خلاف آواز اٿاريندي پيغام جاري ڪري ڇڏيو ست آڪٽوبر تي حماس طرفان اسرائيلي زمين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، بي ايل اي جو ڪمانڊر ساٿي سميت مارجي ويو

سيڪيورٽي فورسز بندش پيل تنظيم بي ايل اي خلاف انٽيليجنس بنياد تي آپريشن ڪيو

آپريشن دوران عبدالمجيد برگيڊ جو اهم ڪمانڊر صدام حسين مسلم ساٿي سميت مارجي ويو

مارجي ويل دهشتگرد صدام گروهه ۽ جبار جي نالن سان به ڄاتو سڃاتو ويندو هو: اختياريون

ڪراچي (م د) سيڪيورٽي فورسز جي هڪ وڏي ڪامياب ڪارروائي، بلوچستان لبريشن آرمي عبدالمجيد برگيڊ جو ڪمانڊر ساٿي سميت مارجي ويو سيڪيورٽي فورسز بندش پيل تنظيم بي ايل اي خلاف انٽيليجنس بنياد تي آپريشن ڪيو جنهن دوران عبدالمجيد برگيڊ جو اهم ڪمانڊر صدام حسين مسلم ساٿي سميت مارجي ويو اختياريون موجب مارجي ويل دهشتگرد صدام گروهه ۽ جبار جي نالن سان به ڄاتو سڃاتو ويندو هو. فورسز جي آپريشن دوران صدام حسين سان گڏ مارجي ويل سندس ساٿي جي سڃاڻپ مقصود جي نالي سان ٿي. آپريشن دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، دوران مارجي ويل بي ايل اي جو ڪمانڊر (فائيل فوٽو)

قانون واري نگران وزير عمر سومرو جو شڪارپور هاڪي گرائونڊ ۽ پي سي بي ڪرڪيٽ گرائونڊ جو دورو

حڪومت سنڌ شڪارپور جي نوجوانن لاءِ سهولتون فراهم ڪيون آهن نوجوان فائدو وٺن: عمر سومرو

هاڪي گرائونڊ ۽ سول اسپتال سميت سرڪاري ادارن تان سياسي بينر ۽ نالا هٽائڻ گهرجن

هاڪي اسٽيڊيم تما سنو نهيل آهي ان سان گڏ يوٿ ڊيولپمينٽ سينٽر به تعمير ٿي رهيو آهي

شڪارپور (رپورٽر) قانون واري نگران وزير عمر سومرو جو شڪارپور هاڪي گرائونڊ ۽ پي سي بي ڪرڪيٽ گرائونڊ جو دورو حڪومت سنڌ شڪارپور جي نوجوانن لاءِ سهولتون فراهم ڪيون آهن نوجوان فائدو وٺن. هاڪي گرائونڊ ۽ سول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نئين ديري پرسان مڇي ماريندڙ ڳوٺاڻن تي حملو، 2 ڄڻا مارجي ويا

جيهاڻ ۽ ڏاهائي برادري جي ڌرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار ڀيهر ڀڙڪي پيو، مڇي ماريندڙ ڳوٺاڻن تي حملي ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا

مارجي ويلن ۾ جيهاڻ ڌر جا 2 ڄڻا اياز حسين ۽ محمد حسن شامل آهن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي

نئون ديرو (رپورٽر) نئين ديري پرسان جيهاڻ ۽ ڏاهائي ڌرين ۾ تڪرار تان هٿياربندن جو حملو، 2 ڄڻا مارجي ويا جيهاڻ ۽ ڏاهائي برادري جي ڌرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار ڀيهر ڀڙڪي پيو، مڇي مارينڊڙ ڳوٺاڻن تي حملي ۾ 2 ڄڻا مارجي ويامارجي/بقايا پڙهوصفحو 2 نمبر 24

(ن) ليگ کي گريٽر اقبال پارڪ ۾ 21 آڪٽوبر تي جلسي جي اجازت ملي وئي

ضلعي انتظاميه مسلم ليگ(ن) کي حلف نامي کان پوءِ جلسي جي اجازت ڏني

ضلعي انتظاميه گريٽر اقبال پارڪ ۾ جلسي جي لاءِ مسلم ليگ(ن) کي شرط ۽ ضابطا به ٻڌايا

جلسي جي انتظاميه پارڪس اينڊ هارٽيڪلچر اٿارٽي کان ڌار اجازت وٺڻي پوندي: ضلعي انتظاميه

لاهور (م د) ضلعي انتظاميه مسلم ليگ(ن) کي گريٽر اقبال پارڪ ۾ 21 آڪٽوبر تي جلسي جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. ضلعي انتظاميه مسلم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حيدرآباد ڊويزن لاءِ ڊويزنل
فوڊ اينالائسز ليب ٺاهڻ لاءِ
مفاهمتي ياداشت تي صحيحون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي نيشنل سينٽر آف ايڪسيلنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بيت المقدس: فلسطيني ڪٽنب شهر مان لڏپلاڻ ڪري وڃي رهيو آهي

سنڌ جي ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن کاتي ٽن مهينن دوران 34634 ملين رپين کان وڌيڪ ٽيڪس وصول ڪيو: اورنگزيب پنهور

ٽيڪس وصولي جا اهي تفصيل هلندڙ مالي سال جولاءِ 2023 کان سيپٽمبر 2023 تائين آهن

سيپٽمبر تائين ڪل 34634.191 ملين رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو: ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن اورنگزيب پنهور ٽيڪس وصولي جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا. ٽيڪس وصولي جا اهي تفصيل هلندڙ مالي سال جولاءِ 2023 کان سيپٽمبر 2023 تائين آهن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ايران جي پرڏيهي وزير حسين امير عبداللهيان اسرائيل کي الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو

اسان جنگ ۾ حصو ورتو ته اسرائيلي ايوان ڏڪي ويندا: ايران

هڪ هفتي جي جنگ ٻڌائي ڇڏيو ته اسرائيل اها جنگ نٿو کٽي سگهي

تهران (م د) ايران جي پرڏيهي وزير حسين امير عبداللهيان اسرائيل کي الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ موجب ايران جي پرڏيهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

افغانستان ۾ 9 ڏينهن دوران ٽيون زلزلو

زلزلي جو مرڪز هرات کان ڏکڻ اوڀر ۾ 32.8 ڪلوميٽر پري هو

هرات ۾ زلزلي سبب هيل تائين ڪنهن به نقصان جو اطلاع ناهي مليو: افغان ميڊيا

هرات (م د) افغانستان جي صوبي هرات ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا جنهن کان پوءِ ماڻهو عمارتن ۽ گهرن کان ٻاهر نڪري آيا. افغان ميڊيا موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ پوليس جي آفيسر اسرائيل خلاف جهاد تي وڃڻ جي اجازت گهري ورتي

انسپيڪٽر فياض احمد جانوري آءِ جي سنڌ رفعت مختار راڄا کي هڪ خط لکيو

جسماني طور تي پنهنجو حصو جهاد ۾ وجهڻ جي باضابطا طور اجازت گهري آهي: فياض جانوري

ڪراچي (م د) سنڌ پوليس ۾ مقرر انسپيڪٽر حماس طرفان اسرائيل خلاف اعلانيل جهاد ۾ حصو وٺڻ ۽ جسماني طور تي پنهنجو حصو جهاد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

شڪارپور: قانون واري نگران وزير عمر سومرو هاڪي گرائونڊ ۽ پي سي بي ڪرڪيٽ گرائونڊ جو دورو ڪري رهيو آهي

شماريات کاتي سموري سنڌ کي حيران ڪري ڇڏيو، سياستدانن جا خدشا سچ ثابت ٿيڻ لڳا

افغان سٽيزن ڪارڊ ۽ پاڪستان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ موجب ترسيل آهن: ذريعا

تازو ئي افغاني مهاجرن کي ڏنل الٽيميٽم ۾ پندرهن ڏينهن باقي بچيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) شماريات کاتي سموري سنڌ کي حيران ڪري ڇڏيو، سياستدانن جا خدشا سچ ثابت ٿيڻ لڳا. ذريعن جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ لکين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: ڪلفٽن پرسان سمنڊ ۾ پيءُ پٽ پارن سوڌو ٻڏي ويو

سيڪيورٽي گارڊ ٽنهي کي ڪڍي ڪلفٽن جي نجي اسپتال منتقل ڪيو

ٻڏندڙ شهباز يونس اسپتال ۾ فوت ٿي ويو، جڏهن ته ٻار بچي ويا آهن: پوليس آفيسر

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ ڪلفٽن سمنڊ ۾ هڪ شخص ٻن ٻچن سميت ٻڏي ويو ڊي آءِ جي ڏکڻ موجب شهرين جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ ڪانيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: گاڏي ۾ گئس ڀرائيندي سلنڊر ڦاٽڻ سبب ٻه عورتون فوت

سيڪٽر ايف سيون ۾ پيٽرول پمپ تي گاڏي ۾ گئس وجهرائيندي سلنڊر ڦاٽي پيو

واقعي ۾ گاڏي ۾ سوار ٻه عورتون فوت، جڏهن ته هڪ ٻار ۽ هڪ مرد زخمي ٿي پيا

اسلام آباد (م د) اسلام آباد ۾ گئس اسٽيشن تي گاڏي جو سلنڊر ڦاٽڻ سبب ٻه عورتون فوت ٿي ويون. اسلام آباد پوليس موجب سيڪٽر ايف سيون ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

خيبر پختونخواهه ۾ گهربل دهشتگردن جي سر جي قيمت سان گڏ ٽين فهرست جاري

فهرست ۾ 128 دهشتگردن جا نالا ۽ تصويرون شامل آهن: سي ٽي ڊي جي پڌرائي

انهن دهشتگردن جو واسطو بنون، لڪي مروت، مردان ۽ ٻين ضلعن سان آهي

پشاور (م د) خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگردي توڙ کاتي (سي ٽي ڊي) گهربل دهشتگردن جي ٽين فهرست جاري ڪري ڇڏي. سي ٽي ڊي جي پڌرائيءَ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پارٽي جهاز جي ڪراچي ۾ هنگامي لينڊنگ

اڏام دوران مرگي جو دورو پوڻ تي ڪپتان پاڪستاني ايئر ٽريفڪ ڪنٽرولر سان رابطو ڪيو

سول ايوي ايشن اٿارٽي جي ترجمان جهاز جي ڪراچي ايئرپورٽ تي هنگامي لينڊنگ جي تصديق ڪئي

ڪراچي (م د) ڀارتي جهاز ڪراچي جي ايئرپورٽ تي هنگامي لينڊنگ ڪئي آهي. ڀارتي ايئرلائن جي اڏام آءِ ايڪس 192 دبئي کان امرتسر وڃي رهي هئي، اڏام دوران مرگي جو دورو پوڻ تي ڪپتان پاڪستاني ايئر ٽريفڪ ڪنٽرولر سان رابطو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نگران ناڻي واري وزير جي ايم ڊي آءِ ايم ايف سان ملاقات

ايم ڊي آءِ ايم ايف جي اجلاس ۾ شمشاد اختر ۽ مختلف ملڪن جي ناڻي واري وزيرن شرڪت ڪئي: ناڻي واري وزارت

ملاقات ۾ عالمي معاشي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ ڪوششن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

نگران ناڻي واري وزير کي پاڪستان ۾ معاشي استحڪام لاءِ قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي

مراڪش (م د) نگران ناڻي واري وزير شمشاد اختر مراڪش ۾ آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سان ملاقات ڪئي. ان حوالي سان ناڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

نگران ناڻي واري وزير شمشاد اختر مراڪش ۾ آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سان ملاقات دوران ڳالهائيندي

آمريڪا طرفان اسرائيل جي
پٺڀرائي لاءِ ٻيو جهازن سان
ڀريل ٻيڙو موڪلڻ جو اعلان

واشنگٽن (م د) آمريڪا فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس سان جنگ ۾ اسرائيلي پٺڀرائي لاءِ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسرائيل سڄي وچ اوڀر ۾ جنگ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي

اسان سدائين پنهنجي پرپاسي ۽ سڄي وچ اوڀر تي نظر رکي آهي: اسرائيلي ميڊيا

فوج ملڪ جي سلامتي جو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ وچ اوڀر ۾ ڪٿي به ڪم ڪندي

تل ابيب (م د) اسرائيل سڄي وچ اوڀر ۾ جنگ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي. اسرائيلي فوج جي اعليٰ ترجمان ڊينيئل هاگري چيو آهي ته فوج وچ اوڀر ۾ ڪٿي به ڪم ڪندي. اسرائيلي ميڊيا هاگري جي حوالي سان چيو ته اسان سدائين پنهنجي پرپاسي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پبلڪ ڪمپلين سيل عوام جي خدمت لاءِ حاضر آهي: نگران وڏو وزير

ڪنهن به سرڪاري دفتر ۾ عوام جو ڪم نه ڪيو وڃي ته لاڳاپيل آفيسر ۽ ملازمن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: مقبول باقر

رشوت هڪ لعنت آهي ۽ رشوت جي گهر ڪندڙ سرڪاري ملازمن خلاف پڻ ڀرپور ڪارروائي ڪئي ويندي

هن وقت تائين 747 شڪايتون درج ڪرايون ويون آهن جڏهن ته 486 شڪايتن کي نبيريو ويو آهي: بريفنگ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلين سيل 24 ڪلاڪ عوام جي خدمت لاءِ حاضر آهي. اها ڳالهه هن اڄ ڏهاڙي سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلين سيل پاران پيش ڪيل رپورٽ جي موقعي تي ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به سرڪاري دفتر ۾ عوام جو ڪم نه ڪيو وڃي ته لاڳاپيل آفيسر ۽ ملازمن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. جسٽس (ر) مقبول باقر چيو ته رشوت هڪ لعنت آهي ۽ رشوت جي گهر ڪندڙ سرڪاري ملازمن خلاف پڻ ڀرپور ڪارروائي ڪئي ويندي. نگران وڏي وزير کي سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلين سيل پاران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان پنجاب جو وڏو وزير محسن نقوي ملاقات ڪندي

بدين ۾ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ريلي ڪڍي احتجاج

63 ڏينهن گذرڻ بعد به دلير صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن: خالد ڪوکر

ايف آءِ آر ۾ قاتلن جا نالا شامل آهن، جيڪي سکر کان ڪجھ مفاصلي تي ٻيلي ۾ ويٺل آهن، اهي سنڌ پوليس کان ڏاڍا آهن ڇو؟

اسان جو فيصلو آهي ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ شهيد جان محمد مهر جو تڏو وڇائينداسين: لالا رحمان سمون

بدين (رپورٽر) شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ قاضيه واهه موري کان ايوان صحافت تائين احتجاجي جلوس ڪڍڻ بعد ايوان صحافت آڏو لڳل سوين صحافين، سماجي ۽ سياسي ڪارڪنن پاران ڌرڻو هڻي ان ۾ لڳل ڏرٽي کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

راشد رباني کي ٽئين ورسي تي بلاول پاران خراج پيش

مرحوم راشد رباني پارٽي جو ريڙهه هو، سندس پارٽي ۽ جمهوريت لاءِ قربانيون ڏگهيون آهن: بلاول ڀٽو زرداري

ڪراچي ۾ ڪنهن به آمريت يا دهشتگردي جي اونداهي راتين ۾ پارٽي جو جهنڊو ڪرڻ نه ڏنو

ڪراچي (م د) اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو پيپلز پارٽي جي مرحوم اڳواڻ راشد رباني جي ٽئين ورسي تي کيس خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته مرحوم راشد رباني پارٽي جو ريڙهه هو، سندس پارٽي ۽ جمهوريت/بقايا پڙهوصفحو 2 نمبر 21

رحيم يار خان: غيرقانوني سرحد پار ڪري پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ ڀارتي شهري گرفتار

گشت دوران 18 ورهين جي ٻپن ولد متل کي گرفتار ڪيو ويو آهي: رينجرز ترجمان

تلاشي دوران سندس کيسي مان 110 روپيه انڊين ڪرنسي جا نوٽ پڻ هٿ آيا آهن

گرفتار ٿيل ڀارتي شهري پاڪستان ڇو آيو ان بابت هو اڃان تائين ڪوبه جواب نه ڏئي سگهيو آهي

لاهور (م د) رحيم يار خان ۾ غيرقانوني طور تي سرحد پار ڪري پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ ڀارتي شهري کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

رحيم يار خان: غيرقانوني سرحد پار ڪري پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ ڀارتي شهري بيٺل آهي

ڪراچي: معذور ٻڌجي 39 آءِ
فونز سمگل ڪرڻ جي ڪوشش
ڪندڙ شخص گرفتار

ڪراچي (م د) ڪسٽمز جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي وڏي ڪارروائي ڪندي جوابدار طرفان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڌارين کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جلوس، مظاهرا

ساموندي پٽي تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ پاران بدين ۾ هزارين ماڻهن جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

جناح جي سيڪيولر سوچ جي مخالف حڪمرانن ملڪ ۾ انتها پسندي ۽ جنونيت جي آبياري ڪئي: اڳواڻ

حيدرآباد (رپورٽر) افغانين سميت سمورن غير ملڪين جي نيڪالي لاءِ ۽ زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن جي نيلامي، وسيلن جي ڦرلٽ، ڊجيٽل آدمشماري، ڏاڙيل راڄ، دريا تي ڊيمن، ڪئنالن، ٻراجن، ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي، پاڻي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

جوهي جي سوين استادن پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

استاد سليم جمالي کان موٽر سائيڪل ليپ ٽاپ موبائل ڦرڻ تي سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو

منظور لاشاري صدر گسٽا تعلقا ۽ پ ٽ الف اڳواڻ پرديپ ڪمار ڏيوات ۽ ٻين پاران مظاهري جي اڳواڻي

ايس ايس پي دادو سان پڻ مختلف وقتن تي استاد اڳواڻن پاران ملاقاتون ڪيون پر ڪڙتيل نه نڪتو آهي: اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) تعلقي جوهي جي سوين استادن پاران SSPموڙ دادو کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي استاد سليم جمالي کان موٽر سائيڪل ليپ ٽاپ موبائل ڦرڻ تي دادو پريس ڪلب تي سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو: استاد مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

اڄ ربيع الثاني جي پهرين تاريخ
آهي: ماهر فلڪيات عبدالقادر
بلوچ جي دعوىٰ

ٽنڊو محمد خان (ڊ مظفر علي بروهي) ماهر فلڪيات شريعت پارٽي جي مرڪزي صدر عبدالقادر بلوچ دعوىٰ ڪئي آهي ته اڄ ربيع الثاني جي پهرين تاريخ آهي. ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اهڙو اظهار ڪندي جيئن ته آسمان تي ڪڪر ڇانيل هجڻ ڪري موسميات جي صورتحالي تبديل ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽکرانو جي سومرا پاڙي واسين جو وڏي ڀاءُ جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

10 ايڪڙ زمين مان حصو نٿو ڏئي ڪوڙا ڪاتا ٺهرائي زمين وڪرو ڪري ڇڏي: سرور سومرو

بااثر ماڻهن کي وڪرو ڪري ڇڏي آهي جنهن مان هو نه اسان ڀائرن ۽ ڀينرن کي حصو ڏئي رهيو آهي

ٽکرانو(ن سنڌيار) ٽکرانو جي سومرا پاڙي واسين جو وڏي ڀاءُ جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج وڏو ڀاءُ ابن ڏاڏن جي 10 ايڪڙ زمين مان حصو نٿو ڏئي ڪوڙا ڪاتا ٺهرائي زمين بااثر ماڻهن کي وڪرو ڪري ڇڏي آهي وس وارا ملڪيت مان حصو ڏياري پريشانين کان بچائين مطالبوخبر موجب ٽکرانو جي سومرا پاڙي واسين وڏي ڀاءُ جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

صحافي اتحاد جي سڏ تي اسرائيل جي جارحيت ۽ فلسطيني جي حق ۾ احتجاج

صحافين معصوم عوام جي قتل عام خلاف ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

يونس راڄپر، ايم ظفر ٽگڙ، مولابخش مشوري، علي نواز سولنگي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

بيگناه شهرين سان گڏ صحافين کي به ٽارگيٽ ڪري رهيا آهن جيڪا وڏي دهشتگردي آهي:مظاهرين

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) سنڌ صحافي اتحاد جي سڏ تي اسرائيل جي فلسطين مٿان جارحيت ۽ فلسطيني صحافين معصوم عوام جي قتل عام خلاف ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين اسرائيل جي خلاف زوردار نعرا هڻي رهيا هئا ان موقعي سنڌ صحافي اتحاد اڳواڻ محمد يونس راڄپر، ايم ظفر ٽگڙ، مولابخش مشوري، علي نواز سولنگي، عتيق وسطڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: صحافي اتحاد جي سڏ تي اسرائيل جي جارحيت ۽ فلسطيني جي حق ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ ينگ متحد خروس برادر
اتحاد جو تعارفي اجلاس ٿي
گذريو، عهديدار چونڊيا ويا

سکر(رپورٽر) ينگ متحد خروس برادر اتحاد جو تعارفي اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ هيليان عهديدار چونڊيا ويا تعارفي اجلاس ۾ خروس برادري جي نوجوانن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي آصف علي خروس کي ينگ متحد خروس برادر اتحاد جو صدر چونڊيو ويو جنرل سيڪريٽري لاءِ زاهد علي خروس کي چونڊيو ويو اهڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ضلعي ڪائونسل سکر چيئرمين جي حڪمن تي مليريا کان بچاءَ وارو اسپري جاري

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل آفيسرن حاڪم علي ٻرڙو، سيد علي گوهر شاه ۽ منور داروغو پاران اسپري جاري

نورالدين جتوئي، محمد حسن تنيو، ڳوٺ شير محمد تنيو، ڳوٺ حضر خان شر، محبوب شر ۾ اسپري ڪرايو ويو

200 کان وڌيڪ باگڙي برادري جي گهرن کي مليريا وائرس کان بچاءَ وارو زهريلا جيت مار اسپري ڪرايو ويو آهي

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ضلعي ڪائونسل سکر چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاه ۽ چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل سکر سيد اڪبر علي شاه معصومي جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل آفيسرن حاڪم علي ٻرڙو، سيد علي گوهر شاه ۽ منور داروغو جي نگراني ۾ 11 آڪٽوبر کان شروع ڪيل مليريا کان بچاءُ وارو اسپري زور ۽ شور سان جاري آهي. روهڙي تعلقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ پريم ڪماري ۽ ٻين يرغمالين جي بازيابي لاءِ لڳايل علامتي بک هڙتال جاري

پريم ڪماري ۽ ٻين يرغمالني جي بازيابي لاءِ علامتي بک هڙتال ڪيمپ ۾ اڳواڻ شريڪ ٿيا

احتجاج ڪرڻ تي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ پنهل ساريو خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا: رياض چانڊيو

احتجاج جا وڊيو ثبوت ۽ شاهديون موجود آهن. ڪنهن جي به هٿ ۾ لٺ، پٿر، ڪهاڙي نه هئي: ڳالهيون

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو سکر پريس ڪلب ٻاهران سنڌ جي پريم ڪماري ۽ ٻين يرغمالن جي بازيابي لاءِ لڳايل علامتي بک هڙتال ڪيمپ ۾ شرڪت ڪئي ۽ بک هڙتالين سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر: جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين رياض چانڊيو پريا ڪماري ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ ڪيل احتجاج ڪندي شريڪ آهي

سکر ۾ نافرمان پٽن جي
زيادتين خلاف پيرسن پيءُ
پاران احتجاجي مظاهرو

سکر(رپورٽر) نافرمان پٽن جي زيادتين خلاف پيرسن پيءُ سکر پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو دانهيندي روهڙي لڳ ڳوٺ رجب دايو جي رهواسي عبدالحميد جوڻو جو چوڻ هو ته سندس پٽ عبدالمجيدعبدالنويدوسيم ۽ ٻيا گهر مان بي دخل ڪرڻ لاءِ روزانو تشدد ڪن ٿا جنهن سبب هو سخت پريشاني جوشڪار آهي عبدالحميد ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ذاڪر سمون ڏاڏن ۽ ابن جي پلاٽ تي مذهبي رنگ ڏئي رهيو آهي: شڪارپور واسي

بااثر ستي سرويئر جي عملي سان ملي ڀڳت ڪري ڪاتي ۾ به هيرا ڦيري ڪري رهيو آهي

خليل سومرو، محمد بخش پهيار، پرويز سومرو گڏجي پلاٽ تي ٿيندڙ قبضي خلاف احتجاج ڪيو

اسان کي ضلع انتظاميه کان اميد آهي ته هو انصاف ڪندا نه ته ٻي صورت ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو

شڪارپور (ڊ) ذاڪر سمون نالي شخص اسان جي ڏاڏن ۽ ابن جي پلاٽ تي مذهبي رنگ ڏئي پوليس جي ڏاڍ تي زبردستي دروازا وجهي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. ستي سرويئر جي عملي سان ملي ڀڳت ڪري ڪاتي ۾ به هيرا ڦيري ڪري رهيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور کي تدارڪ لاءِ اپيل ٿا ڪريون ته ماپري جي شفاف انڪوائري ڪئي وڃي. متاثرن جون دانهون متاثر ٿيندڙ آغا امتياز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪنڌڪوٽ شهر کان فقير ڪوهي جي طرف ويندڙ لنڪ روڊ جي آسپاس رهندڙن پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺن جي رهواسين جو لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڌرڻو بااثرن خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي

من پسند ڳوٺ ۾ روڊ ڪرائڻ خلاف فقير ڪوهي لنڪ روڊ تي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

انهي روڊ جو ٿيندڙ ڪم زيرو پوائنٽ کان شروع ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو: مظاهرين

ڪنڌڪوٽ(رپورٽر ثناءالله ٽالپر) ڪنڌڪوٽ شهر کان فقير ڪوهي جي طرف ويندڙ لنڪ روڊ جي آسپاس رهندڙ ڪيترن ئي ڳوٺن جي رهواسين جو لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڌرڻو بااثرن خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي خبر موجب ڪنڌڪوٽ جي ديه 12.14.17 ۽ ٻين ديهن جي ڪيترن ئي ڳوٺاڻن استاد اڪبر علي ٽالپر ,اشرف علي ڍيهو, ذوالفقار آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايم اين اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڌڪوٽ: ڳوٺن جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

نواز شريف وزيراعظم جو خواب نه
ڏسي، چونڊون وقت تي ٿينديون:
عاشق حسين زرداري

خيرپور (ڊ) نواز شريف وزيراعظم جو خواب نه ڏسي، چونڊون وقت تي ٿينديون. ملڪ جي غدارن خلاف اهم فيصلا ٿيڻا آهن. بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو روشن مستقبل آهي: عاشق حسين زرداري. تفصيل موجب ٽاليواري سياسي سماجي اڳواڻ عاشق حسين زرداري سردار هائوس ڳاڙهي ٻل ڀرچي چيف سردار شيردل زاهد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

رتيديري ۾ جان محمد مهر جي قتل ماڙي جلباڻي سانحي ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف احتجاج

العباس ادبي منزل تي ٿيل احتجاجي ميڙاڪي ۾ اديبن شاعرن ۽ سگهڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ناليواري اديب ۽ صحافي مشتاق بخاري، مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو، عوامي شاعر سيد اختيار شاه شريڪ ٿيا

عبرتناڪ سزا ڏيڻ سان گڏوگڏ سنڌ مان افغانين سميت سمورن ڌارين کي ڏيهه نيڪالي ڏني وڃي: مظاهرين

نئون ديرو(رپورٽر) رتيديري ۾ جان محمد مهر جي قتل ماڙي جلباڻي سانحي ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف ڏاٽ ڏيڻ جو احتجاج العباس ادبي منزل تي ٿيل احتجاجي ميڙاڪي ۾ اديبن شاعرن ۽ سگهڙن جي شرڪت: جوابدارن جي گرفتاري جي گهر مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو پنهنجو نڪور نظم "سنڌ سڄي سوڳوار" ترنم ۾ ٻڌائي ماحول کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو ٻنهي دلسوز واقعن جا جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سکر پوليس سماجي برائين خلاف متحرڪ، مختلف ٿاڻن جون ڪارروائيون

سماجي برائين ۾ واڌ ڪانپوءِ سکر پوليس به ان جي خاتمي لاءِ متحرڪ ٿي وئي

پوليس ٿاڻن جي حدن ۾ آڪر پرچي جي اڏن تي ڇاپو هڻي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس سماجي برائين خلاف متحرڪ. مختلف ٿاڻن جون ڪارروائيون. 3 جوابدار گرفتار، ڪيس داخل. تفصيل موجب سکر ۾ سماجي برائين ۾ واڌ ڪانپوءِ سکر پوليس به ان جي خاتمي لاءِ متحرڪ ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪنڌڪوٽ چيئرمين ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي حڪم تي ڌاري آباد خلاف احتجاجي مظاهرو

ريلي ڌرتي ڌڻي جي ضلعي آفيس کان شهر جي مختلف هنڌن کان ٿيندي اچي پريس ڪلب پهتي

تعلقي صدر حبيب الله سبزوئي زيب سهرياڻي علي حسن سهرياڻي عبدالنبي بنگوار ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

ڪنڌڪوٽ(غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ چيئرمين ڌرتي ڌڻي تحريڪ قادر چانڊيو جي حڪم تي سڄي سنڌ جيان ڪنڌڪوٽ ۾ به ڌاري آباد خلاف احتجاج مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي ريلي ڌرتي ڌڻي جي ضلعي آفيس کان شهر جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

احتجاج
احتجاج
گو افغاني گو گو افغاني گو

ڪنڌڪوٽ: ڌاري آباد خلاف ڌرتي ڌڻي تحريڪ جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

جسم ٺٽي جي اڳواڻ جاويد ناهيو پاران پريس ڪلب جي دوستن سان ملاقات

ٺٽين چونڊيل باڊي جي صدر دولترام ڪوهستاني سميت ٻين کي مبارڪون ڏنيون

جاويد ناهيو پريس ڪلب جي بهتري لاءِ پريس ڪلب لاءِ ڏهه هزار فنڊ ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ جاويد ناهيو پريس ڪلب غلام الله ڀهچي پريس ڪلب جي دوستن سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين پوليو مهم دوران 2 پوليو ورڪرز ليڊي هيلٿ ورڪرز کي ڪتا ڏاڙهي ويا، شديد زخمي

ضلعي جي مختلف علائقن شهرن توڙي ڳوٺن ۾ گهر گهر وڃي ڦڙا پيارينڊڙ عورتون عدم تحفظ جو شڪار

ڦڙا پيارينڊڙ پوليو ورڪرز ليڊي هيلٿ ورڪرز ڇتن ڪتن جي ڏاڙهڻ جو شڪار ٿي رهيون آهن: ضلعي عملدار

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پوليو مهم دوران 2 پوليو ورڪرز ليڊي هيلٿ ورڪرز کي ڪتا ڏاڙهي ويا، عورتون شديد زخمي تفصيل موجب: پوليو مهم دوران بدين صحت کاتي جي ناقص پاليسي سبب ضلعي جي مختلف علائقن شهرن توڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سنڌ ليفٽ فرنٽ پاران سکر پريس ڪلب جي آڊيٽوريم ۾ امن ڪانفرنس، شهري شريڪ

تقريب ۾ سماجي اڳواڻن پاران سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، قتل، اغوا ۽ ڀتا خوري تي افسوس جو اظهار

بدامني جي واقعن تي حڪومت ۽ انتظاميا تي سخت تنقيد ڪئي ۽ مختلف ٺهراءُ پاس ڪيا ويا

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ ليفٽ فرنٽ پاران سکر پريس ڪلب جي آڊيٽوريم ۾ امن ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. ڪانفرنس ۾ سنڌ ليفٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪانفرنس
15 آڪٽوبر
SUKKUR PR

سکر: سنڌ ليفٽ فرنٽ جا اڳواڻ پريس ڪلب ۾ خطاب ڪري رهيا آهن

ٽکراڻي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي، شاعرن پنهنجون تخليقون پيش ڪيون ويون

فلسطين ۾ مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم تي ڏک جو اظهار، عالمي ادارن کان نوٽيس وٺڻ جي گهر

منگي ٽکراڻوي، اصغر سمون روپهري، عابد جاني ملڪ، ممتاز مسيع، عطا سهتو مير حسن شريڪ

ٽکراڻو (ن سنڌيار) ٽکراڻي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي شاعرن پنهنجون تخليقون پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي فلسطين ۾ مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم تي ڏک جو اظهار عالمي ادارن کان فلسطين مٿان ٿيندڙ ظلم جي نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سنڌ فنڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران چيئرمين جي نگراني هيٺ چونڊون ٿي گذريون

ضلع دادو صدر محمد حسن جانوري جنرل سيڪريٽري زاهد صديقي ۽ ٻين کي چونڊيو ويو

تعلقن سان تعلق رکندڙ راجا رفيق پنهور، چوڌري اصغر ٿهيم سميت 47 فنڪار ميمبر پڻ چونڊيا ويا

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو سنڌ فنڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران چيئرمين لالا رفيق احمد زنئور جي نگراني هيٺ مرڪزي جنرل سيڪريٽري منظور آڪاش سولنگي، مرڪزي اڳواڻ احمد علي شيخ پاران سنڌ فنڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو: سنڌ فنڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران ڇتني تعلقن جي باڊي چونڊي وئي

بدين ۾ افغانين سميت سمورن غير ملڪين جي نيڪالي لاءِ ۽ وسيلن جي ڦرلٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊجيٽل آدمشماري، ڌاڙيل راڄ، دريا تي ديمن، ڪئنالن، بئراجن، ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي، پاڻي جي ڪوٽ خلاف ريلي

عورتون ۽ ٻارڙا شريڪ ريلي ۾ سنڌ ۾ ڌاريا_ نامنظور، افغاني سمورا_ نامنظور، زمينن تي قبضا_ بند ڪريو، جا شديد نعرا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ ۾ افغانين سميت سمورن غير ملڪين جي نيڪالي لاءِ ۽ زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن جي نيلامي، وسيلن جي ڦرلٽ، ڊجيٽل آدمشماري، ڌاڙيل راڄ، دريا تي ديمن، ڪئنالن، بئراجن، ڳاٽي ٽوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خانواهڻ پرسان پريس ڪلب ڪرڙي ڪبير پاران فيڪٽري مالڪن خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافي اتحاد خيرپور صدر غلام حسين چانگ، سينئر صحافي جمال محمود کهڙو پاران ريلي

عطاحسين سهتو، ديدار عاصر نزاڪت مري، صدام سهتو، تاج محمد رند، عرفان عاس، اظهر ٻوهيو شريڪ

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ پرسان پريس ڪلب ڪرڙي ڪبير پاران، هنگورجا ٽائي تي، صحافي اتحاد خيرپور صدر غلام حسين چانگ، سينئر صحافي جمال محمود کهڙو، پريس ڪلب ڪرڙي ڪبير صدر عبدالرزاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهوٽڪي ۾ عيد ميلاد النبي ص جي سلسلي ۾ جشن عيد ميلاد النبي ص جو پروگرام

غلام رسول چاچڙ ثناء الله امان الله چاچڙ جي رهائش گاه تي جشن عيد ميلاد النبي ملهايو ويو

عنايت شاه جي سيد سجاد حسين شاه سيد عاشق رسول شاه سيد عبدالواحد شاه ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) گهوٽڪي ۾ عيد ميلاد النبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيهِ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ سنڌ جي مشهور نعت خوان استاد انور علي چاچڙ غلام اڪبر چاچڙ گل حسن غلام رسول چاچڙ ثناء الله امان الله چاچڙ جي رهائش گاه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سرحد: عيد ميلاد النبي ص جي حوالي سان منعقد تقريب جو ڏيک

سنڌ جي تعليم جي ترقي عروج تي، نوشهروفيروز ۾ اسڪول جو ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو

نياڻين جي اسڪول جو ڪم ٻن سالن کان رولڙي جو شڪار، اسڪول جي گيٽ نه هجڻ جو نوٽيس نه ورتو ويو

شهر جو سڄو گند ڪچرو اسڪول ۾ اڇلايو پيو وڃي ماڻهن پنهنجو چوپايو مال به اسڪول ۾ ٻيهاري ڇڏيو آهي

مرمتي ڪم شروع ڪرائي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن اسڪول ۾ نياڻين جي پڙهائي شروع ٿي سگهي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ جي تعليم جي ترقي عروج تي ڀڄي وئي اسڪول جو ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو ۽ ان نياڻين جي پرائمري اسڪول ۾ مينهيون به تعليم حاصل ڪري رهيون آهي اڳتي هلي اهي به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06



نوشهروفيروز: ٺيڪيدار پاران اڌ ۾ ڇڏيل اسڪول جو ڪم نظر اچي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان بلڙي شاه
ڪريم روڊ ڊنڊي لڳ ۾ زرعي
سيمينار ڪرايو ويو

ٽنڊو محمد خان (ڊ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان بلڙي شاه ڪريم روڊ ڊنڊي لڳ ڳوٺ حاجي نورمحمد جماري ۾ گرين لٽ انٽرنيشنل ڪمپني پاران زميندار غلام مصطفيٰ جماري جي زرعي فارم تي زرعي سيمينار ڪرايو ويو سيمينار ۾ گرين انٽرنيشنل پاران سارين جي ٽشين متعارف ڪرايل جنس بخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نئون ديرو ۾ شاعر عبدالجبار جيئڻ پٽو جو اڪيلو فرزند لاڏاڻو ڪري ويو

ڊاڪٽر محمد موسيٰ پٽو جو ڀاڻيجو جواد حسين پٽو جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

ٽنڊو ڳڙهي خدا بخش پٽو لڳ ڳوٺ حسين پٽو ۾ رکيو ويو، ساڃاهه وندن پاران تعزيت

نئون ديرو(رپورٽ شاه محمود پٽو) اسٽيٽ لائيف انشورنس آف پاڪستان لاڙڪاڻو زون جي آفيسر حسين بخش پٽو ٽيليفون آفيسر نئون ديرو خادم حسين پٽو ,محمد قاسر پٽو علي بخش پٽو ڊاڪٽر محمد موسيٰ پٽو جو ڀاڻيجو شاعر عبدالجبار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽي ۾ ڀرپاسي ۾ گذريل سال برساتن ۽ ٻوڏ سڄي ضلعي کي نقصان پهچايو هو: سماجي اڳواڻ

متاثرن جي بحالي لاءِ ڪاشف ويلفيئر فائونڊيشن پاران امدادي ڪارروايون جاري آهن: ڪاشف اقبال

اقبال ويلفيئر فائونڊيشن ۽ شڪاگو فرينڊز گذريل ڪيترن ئي سالن کان متاثرين جي مدد ڪري رهيا آهن

فلاحي ڪم ڪري غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ ماڻهن کي راشن جا ڪپڙا ۽ گهر پڻ ٺاهي ڏنا ويندا آهن

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) گذريل سال پونڊڙ برساتن ۽ ٻوڏ سڄي ضلعي کي نقصان پهچايو هو. جنهن ڪانپوءِ متاثرن جي بحالي لاءِ ڪاشف ويلفيئر فائونڊيشن پاران امدادي ڪارروايون جاري آهن انهي سلسلي ۾ گهارو شهر پرسان ڳوٺ مولوي محمد عارف پليجو جو ڳوٺ جيڪو هر سال پونڊڙ برساتن سبب جبل واري علائقي مان ايندڙ پاڻي جي ڪرس ٻوڏ واري صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو: ڪاشف ويلفيئر فائونڊيشن پاران متاثرين ۾ راشن ورهايو پيو وڃي

سڪرنڊ جي تاريخي ڳوٺ فرمان علي
چانڊيو ۾ سرور ڪائنات ﷺ جو
جشن ولادت ملهايو ويو

سڪرنڊ (رپورٽر) سنڌوءِ ڪناري آباد سنڌ جي تاريخي ۽ علمي ڳوٺ فرمان علي چانڊيو ۾ رئيس واجد علي چانڊيو ، رئيس صنم خان چانڊيو ۽ رئيس علي بخش چانڊيو پاران حضور سرور ڪائنات جن جو جشن ولادت انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ عالمن ، حافظن سميت مختلف مذهبي تنظيمن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نئون ديرو لڳ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خانواهه ۾ سيرت النبي ص جي حوالي سان ميلاد جو پروگرام

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حيات طيبه ۽ سيرت النبي صلعم بابت شاگرديائڻين تقريرن ڪيون

ڪائنات ۾ هر پيغمبر کي معجزو مليو ۽ حضور ڪريم ص پنهنجو پاڻ ۾ هڪ معجزو هئا: شاگرديائڻيون

استادن توصيف علي سومرو، محمد ابراهيم پٽو، گل محمد شاهاڻي، ديدار حسين اوڊو ۽ ٻين استادن شرڪت ڪئي

نئون ديرو(رپورٽ شاه محمود پٽو) نئون ديرو لڳ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خانواهه ۾ سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم جي ميلاد شريف جو پروگرام شاگرديائڻين پاران منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حيات طيبه ۽ سيرت النبي صلعم بابت شاگرديائڻين پاران پنهنجي تقريرن ذريعي ڄاڻ فراهم ڪئي وئي، سيرت النبي بابت ڳالهائيندي هيڊ ماستر عنايت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گورنمينٽ هاءِ سيڪنڊري اسڪول ڪلهوڙا اسٽيشن جي پرنسپال پاران تقريب منعقد

مختلف اسڪولن جي ٻارڙن ۾ پريزيٽيشن ڪامپيٽيشن. نعت -ذهني آزمائش جو پروگرام ٿيو

هيڊ مسٽريس -استاد صاحبان -گسٽا - پ ٽ الف جي عهديدارن ۽ شاگردن جي والدين پڻ شرڪت ڪئي

تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ شاگردن ۽ شاگرديائڻين ۾ لڪيل ٽيلينٽ ظاهر ڪرڻ آهي: زين العابدين راڄپر

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) گورنمينٽ هاءِ سيڪنڊري اسڪول ڪلهوڙا اسٽيشن جي پرنسپال زين العابدين راڄپر ۽ سندس پوري ٽيم پاران مختلف اسڪولن جي ٻارڙن ۾ پريزيٽيشن ڪامپيٽيشن. نعت ذهني آزمائش جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

NEVER STOP LEARNING
GBHSS KALHORA STATION
ORGANIZED BY: ALL TEACHERS

نوشهروفيروز: گورنمينٽ هاءِ سيڪنڊري اسڪول ڪلهوڙا اسٽيشن جي پرنسپال پاران تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪنڊيارو پوليس پاران ڪاروائي
ڪري منشيات فروش کي
گرفتار ڪري ورتو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو پوليس پاران ڪاروائي ڪري منشيات فروش کي گرفتار ڪري سندس وٽان نشي آور سپارين جا 20 پيڪيٽ هٿ ڪري ورتا ڪيس داخل ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او ڪنڊيارو زاهد حسين ٻڌايو ته ڪنڊيارو ۾ Z21 وڪرو ڪندڙ وقار گرهانگ کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 20 پيڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين ۾ جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ قاضي واهه موري کان ريلي ڪڍي وئي

63 ڏينهن گذرڻ بعد به دلير صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن: اڳواڻ

اسان جو گڏيل فيصلو آهي ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ شهيد جان محمد مهر جو تڏو وڇائينداسين

امير حسن آزاد ,جئي پرڪاش موراڻي ، ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن بدين جو صدر رفيق آرائين شريڪ

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ قاضي واهه موري کان ايوان صحافت تائين احتجاجي جلوس ڪڍڻ بعد ايوان صحافت آڏو لڳل سوين صحافين ,سماجي ۽ سياسي ڪارڪنن پاران لڳل ڌرڻي کي خطاب ڪندي پي ايف يو جي اڳواڻ خالد ڪوڪر چيو ته 63 ڏينهن گذرڻ بعد به دلير صحافي جان محمد مهر جا قاتل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

افغان پناهگيرن سميت تمام پناهگيرن جي ڏيهه نيڪالي جي سلسلي ۾ احتجاجي مظاهرو

احتجاجي ريلي 22 ميل موري کان نئون ڪوٽ ڊورو چونڪ تائين به ڪلو ميٽر مارچ ڪري پهتي

غير قانوني رهندڙ پرڏيهين خلاف ڪاروائي جي آجيان ڪيون ٿا، پوليس نالي ماتر ڪارروائي ڪئي: اڳواڻ

افغانين جي سهولتڪارن ۽ ڪوڙا قومي شناختي ڪارڊ جاري ڪندڙ اختيارين خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران غيرملڪين کي سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ لاءِ احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن حنيف مرزاڻي، مصطفيٰ خاصخيلي، سلطان دل، ڀڳوان داس مهاراج ۽ ٻين چيو ته ڌاريان سنڌ جي وسيلن تي قابض ٿي رهيا آهن فوري انهن غيرملڪين کي سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي، سنڌ ۾ ٽن لکن کان وڌيڪ غير ملڪي رهائش پذير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نئون ڪوٽ: افغان پناهگيرن سميت تمام پناهگيرن جي ڏيهه نيڪالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌي ٻوليءَ ۾ پابند
شاعري ئي اصل شاعري
آهي: سجاد ميرائيءَ

خيرپور (رپورٽر) سنڌي ٻوليءَ ۾ پابند شاعري ئي اصل شاعري آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جون نج صنفون وائي ، ڪافي ، بيت ، گيت ۽ نظم آهن جڏهن ته غزل ، رباعي، قطعو ۽ هائيڪو وغيره ٻاهران آيل صنفون آهن. سنڌي شاعرن انهن صنفن ۾ سهنجائي سان به پاڻ ملهايو آهي اهڙن خيالن جو اظهار سنڌي ادبي سنگت جي دستوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

قانون واري نگران وزير پاران شڪارپور هاڪي ۽ پي سي بي ڪرڪيٽ گرائونڊ جو دورو

حڪومت سنڌ شڪارپور جي نوجوانن لاءِ سهولتون فراهم ڪيون آهن: نگران وزير عمر سومرو

هاڪي اسٽيڊيم تما سنو ٺهيل آهي ان سان گڏ يوٿ ڊيولپمينٽ سينٽر به تعمير ٿي رهيو آهي

عام ماڻهو جلد بازياب ڪرايا وڃن ان سلسلي ۾ رينجرس سان گڏجي حڪمت عملي جوڙي وڃي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) قانون واري نگران وزير عمر سومرو جو شڪارپور هاڪي گرائونڊ ۽ پي سي بي ڪرڪيٽ گرائونڊ جو دورو. حڪومت سنڌ شڪارپور جي نوجوانن لاءِ سهولتون فراهم ڪيون آهن نوجوان فائدو وٺن. هاڪي گرائونڊ ۽ سول اسپتال سميت سرڪاري ادارن تان سياسي بينر ۽ نالا هٽائڻ گهرجن . قانون جو نگران وزير عمر سومروتفصيل موجب قانون جو نگران صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 16 آڪٽوبر 2023ع

سياسي پارٽين کي شفاف چونڊن جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت

ملڪ ۾ نگران سيٽ اپ آهي جنهن وٽ آئيني طور تي مينڊيٽ نه رڳو اهو آهي ته اهو چونڊن جي نگراني ڪندو پر جيڪي ڪم هن حڪومت هٿ ۾ کنيا آهن. تن سان عوام ۾ شڪ پيدا ٿيڻ لازمي ڳالهه آهي. چونڊن بابت مونجهارو اڃان ختم نه ٿيو آهي. جيتوڻيڪ اليڪشن ڪميشن چونڊن بابت ڪجهه چرپر ڪئي آهي پر ان سان گڏ هن ملڪ ۾ جيڪي حالتون آهن. انهن سان تاحال اها غيريقيني ڪيفيت باقي آهي جيڪا نگران سيٽ اپ جوڙڻ کان اڳ موجود هئي.

اهو ته ڪا هاڻي لڪيل ڳالهه نه رهي آهي ته ملڪ جي ٻن وڏين جماعتن مسلم ليگ ن ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي وچ ۾ چارٽر آف ڊيموڪريسي صحي ڪرڻ کانپوءِ ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ هٿ سان پاڪستان تحريڪ انصاف کي اڳتي آڻي. جمهوري حڪومتن جو رستو روڪيندي. هاءِ برڊ سسٽم کي جنم ڏنو هو. جنهن سان ڪيل تجربي مان هاڻي ته ثابت ٿي ويو آهي ته اسٽيبلشمينٽ جي اهڙي ڪنهن به رٿ سان ملڪ کي ڪنهن فائدي بجاءِ رڳو نقصان ٿي رسيو آهي. ان هوندي به شايد ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ان تجربي مان گهڻو ڪجهه سکڻ جي لاءِ تيار نه آهي.

هن وقت مسلم ليگ ن جو اڳواڻ ميان نوازشريف چئن سالن جي جلاوطني ختم ڪري 21 آڪٽوبر تي وطن وري رهيو آهي پر ان سان گڏ ئي ملڪ ۾ افواهه جون فيڪٽريون سرگرم ٿي ويون آهن جنهن ۾ اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته ڪنهن کي به سياست جي ميدان ۾ مڪمل آزاديءَ حاصل نه هوندي. اهڙي قسم جي ڳالهين سان عوام ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بي يقيني سان گڏ ان کي چونڊن ۾ ڌانڌلي قرار ڏنو پيو وڃي.

ملڪ جي سياسي ميدان ۾ نظر نه ايندڙ قوتن جي مسلسل مداخلت جو انت ٿيندي نظر نٿو پيو اچي اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان تحريڪ جي هڪ ٻئي پويان ڪيترائي ئي اڳواڻ سياست کان توبه تائب ٿي رهيا آهن جنهن ۾ تازو منظر تي آيل انهن جا اڳواڻ ڳڻائي سگهجن ٿا. هڪ جمهوري ماحول جي لاءِ اهي سمورين نشانيون ڪنهن به ريت ڪو هاڪاري اشارا نه آهن. جنهن جو سڌو سنئون مطلب هي آهي ته ڪجهه طاقتور ڌريون پنهنجي مرضي جي نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. پر ان سان ملڪ جي سياسي جماعتن پاران ليولنگ پلئينگ نه ملڻ واري دانهن درست ثابت ٿي رهي آهي.

جيڪڏهن اهو ئي رويو رهيو ته سمورين سياسي جماعتن کي هڪ جهڙو موقعو نه ملي سگهيو ته ان جو ملڪ جي سياست تي ڪنهن به ريت مثبت اثر به پوندو ان سان ملڪ ۾ نه رڳو سياسي استحڪام پيدا ٿيڻ ممڪن نه هوندو بلڪ ان سان ويتر نفرت ۽ ويڇا وڌندا جنهن جو نقصان مجموعي طور تي سموري سماج کي رسندو.

سمورين سياسي ڌرين کي گهرجي ته اهي جيڪو حق پاڻ لاءِ گهرن ٿيون اهڙو حق ٻين جي لاءِ به تسليم ڪن ۽ ان جي لاءِ جدوجهد ڪن ان سان ئي ملڪ ۾ جمهوريت واري رويئي کي هٿي ڏئي ڪري اڳيان وڌائي سگهجي ٿو ٻي صورت ۾ جيڪڏهن ڪا سياسي ڌر اهو سمجهي ٿي ته اها ڪنهن طاقتور قوت جي ڪلهن تي چڙهي ڪري اقتدار جي واڳ هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي ته اهو ممڪن ته آهي پر ان طريقي سان هڪ ته رائج قانونن جي لتاڙ ڪندي ته وري ٻئي پاسي اخلاقي جرئت کان محروم ٿي ويندي.

سو سياسي ڌرين کي ملڪ ۾ شفاف چونڊن ڪرائڻ کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي ته جيئن هڪ هاڪاري سفر جي ابتدا ٿي سگهي. ان جي لاءِ سمورين جماعتن ۾ سهپ ۽ هڪ ٻئي جي ڳالهه کي برداشت ڪرڻ جي سگهه پڻ پيدا ڪرڻ گهرجي. ان سان ئي ملڪ ۾ ڪنهن هاڪاري ۽ مثبت سياسي ماحول جڙڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

پاڪستان ۾ امريڪي مداخلت جو پسمنظر

طفيل مگسي

اهاحقيقت آهي ته جو بائيڊن جي امريڪي صدر بڻجڻ کانپوءِ پاڪ امريڪا تعلقات مانار جو شڪار رهيا. جيتوڻيڪ گذريل عرصي ۾ امريڪي صدر جي پاڪستاني وزيراعظم کي فون نه ڪرڻ جو ڪافي ذڪر يا شڪايت ٿيندي رهي جون 2021ع ۾ پاڪستاني وزيراعظم هڪ چيني ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي چيو هو ته اسلام آباد تي دٻاءُ آهي ته هو پنهنجي لاءِ چين يا مغرب منجهان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪري ۽ اهو ته هو چين جي حوالي سان پنهنجي پاليسي تبديل ڪري. بعد ۾ ڊسمبر 2021ع ۾ امريڪا جمهوريت جي حوالي سان هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس جو بندوبست ڪيو هو جنهن ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ملڪن شرڪت ڪئي. اها ڪانفرنس جمهوريت کان وڌيڪ جيو اسٽريجڪ مقصدن جي مالڪ آهي. ۽ ان جو مقصد روس ۽ چين جي خلاف محاذ کي منظم ڪرڻ هو پاڪستان ان دعوت جي باوجود ان ڪانفرنس ۾ شرڪت نه ڪئي هئي. ايستائين ته فيبروري 2022ع ۾ پاڪستاني وزيراعظم جي هڪ ٻئي پليان روس ۽ چين جي دورن امريڪا انتظاميا ۾ خطري جون گهنٽيون وڄائي ڇڏيون. ان کانپوءِ وري روس يوڪرين جهڳڙي ۾ پاڪستان جي غيرجانبدار رهڻ باهه تي تيل وارو ڪم ڏيکاريو.

انهيءَ دوران امريڪا ۾ مقرر پاڪستاني سفير ڊاڪٽر اسد مجيد خان جي طرف کان 7 مارچ 2022ع تي موڪليل خط پاڪستاني سياست ۽ طاقتور ڌر کي جڻ ته ڌوڏي ويئي. ٻين ملڪن ۾ مقرر سفير انتظاميا سان ٿيڻ واري ميٽنگز جا نوٽس هڪ ڳجهي رپورٽ جي صورت ۾ پنهنجن ملڪن کي موڪليندا آهن. جنهن کي سفارتي ٻولي ۾ (سفائير) يعني هڪ ڳجهي ڪوڊ ۾ لکيل پيغام سڏيو ويندو آهي. سفير موصوف جي اها ڳالهه ٻولهه واشنگٽن ۾ انڊرسيڪريٽري آف اسٽيٽ برائي ڏکڻ ايشيا ڊونلڊلو سان يوڪرين تي روس جي حملي کانپوءِ ٿي هئي. ان خط ۾ لکيو ويو هو ته "اسان موجوده صورتحال کان خوش ناهيون. تحريڪ عدم اعتماد ڪامياب نه ٿيندي ته ان جا نتيجا سنگين نڪري سگهن ٿا. ۽ عدم اعتماد جي ڪامياب ٿيڻ سان سمورا صغيره ۽ ڪبيره گناهه معاف ڪيا ويندا"

ان "سائفر" جي ذريعي ۾ ظاهر ٿيڻ وارن واقعن امريڪي مداخلت جي ان تسلسل جي نه صرف سرڪاري طور تي خواري ڪئي بلڪ پاڪستاني ادارن جي خودمختياري ۽ آزادي جا پول به پڌرا ڪري ڇڏيا ۽ اهو چٽو ڪري ڇڏيائين ته ملڪي نظام ۾ حقيقت ۾ ٻاهرين قوتن جا نمائندا ويٺل آهن. جن کي پاڪستاني خودمختياري ۽ سالميت کان وڌيڪ سامراجي غلامي وڌيڪ عزيز آهي.

هونئن به حقيقي ڳالهه اها آهي ته اهڙي صورتحال ڪا نئين به نه ناهي. بلڪ هندستان جي ورهاست کانپوءِ پاڪستاني ادارا مسلسل انهيءَ راهه تي هلي رهيا آهن. نسل در نسل هلڻ واري اقتدار جي راهدارين جي اندرين چڪتاڻ جي اها بدرسم هن ڀيري سرڪاري سطح کان عوامي ذريعن تائين پهچي وئي ۽ هينئر ان به ظاهر "حقيقي آزادي" جي حاصلات واري نعري جي حد تائين هڪ صورت اختيار ڪري ورتي آهي. ليڪن اها ڳالهه ته چٽي ٿي ته پاڪستان جي طاقتور ڌر قومي سلامتي ڪميٽي جي هڪ ٻيئي پليان ٻن ميٽنگز ۾ ملڪ جي اندرين مامرن ۾ امريڪي مداخلت جو واضع اظهار ڪيو آهي. جيڪا اصل ۾ روز ازل کان رهي آهي ۽ انهيءَ جي تحت امريڪا پاڪستان جي طاقتور ڌر تي وقت به وقت اثرانداز ٿي ڪري پنهنجا مقصد پورا ڪندو آيو آهي.

حقيقت اها به آهي ته پاڪستان جي لاءِ ان راهه جي مقرري قيام پاڪستان کان اڳ ٿي ڪئي وئي هئي. جيتوڻيڪ امريڪي سفارتڪارن مئي ۽ جولائي 1947ع جي وچ ۾ باباءِ قوم سان وڏيون اهم ۽ خاص ملاقاتون ڪيون هيون. جن جو ذڪر مسٽر ايم. ايس ڪنزامون پنهنجي ڪتاب "پاڪستان ۾ امريڪي ڪردار" ۾ ڪيو آهي. ان حوالي سان امريڪي پرڏيهي وزارت جي ويب سائيٽ تي انهن ملاقاتن تي مشتمل دوريئر ڊي ڪلاسيفائيڊ ٿيڻ وارن ڪاغذن جي صورت ۾ اڄ به موجود آهن. ان جي مطابق مسٽر جناح اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي عهديدارن کي يقين ڏياريو هو ته هڪ آزاد ۽ خودمختيار پاڪستان امريڪا جي مفاد ۾ هوندو ڇاڪاڻ ته روسي جارحيت جو مسلمان متحد ٿي ڪري مقابلو ڪري سگهندا.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ امريڪا وجود ۾ اچڻ واري رياست پاڪستان جي ويجهو ايندو ويو 7 آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان جي گورنر جنرل دهلي کان ڪراچي روانو ٿيو ته انڊيا ۾ امريڪي سفير هن کان موڪلائڻ جي لاءِ دهلي ايئرپورٽ تي موجود هو پاڪستان جي باني گورنر جنرل جي حيثيت سان 14 آگسٽ 1947ع ۾ قسم کنيو هو ته امريڪا پاڪستان کي تسليم ڪرڻ وارو پهريون ملڪ هو ۽ آزادي وارين تقريبن ۾ شامل ٿيڻ وارو امريڪي وفد سڀ کان وڏو هو. ان وڌندڙ ويجهڙائپ جي چڪر ۾ باباءِ قوم امريڪا جي مشهور صحافي مارگريٽ لورڪ ويسٽ کي امريڪا جي باري ۾ جيڪو بيان ڏنو هو اهو اڄ به هڪ حقيقت جو مظهر آهي. ان جو چوڻ هو ته "امريڪا کي پاڪستان جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ضرورت آهي. جيتري پاڪستان کي امريڪا جي آهي. پاڪستان بيهڪ جي حساب کان دنيا جو جو سڀ کان وڌيڪ فائديمند ملڪ آهي"

پاڪستان جي پهرين گورنر جنرل جي حيثيت سان قسم کڻڻ جي موقعي تي امريڪي صدر ٽرومين ڌمڪي تي مشتمل پيغام ڏنو جيڪو ايندڙ تعلقات جي بنياد تي هو ان پيغام جي جواب ۾ گورنر جنرل پاڪستان جواب ڏنو "اوهان امريڪي عوام جي طرف کان دوست پاڪستان جي نالي نيڪ اميدن ۽ مبارڪباد جو جوش ڀريو پيغام. موڪليو آهي. ان کان پاڪستان جي حڪومت، عوام ۽ مان نهايت متاثر ٿيا آهيون. اسان دوستي ۽ ڀائپي وارن جذبن جو نهايت ئي دل سان قدر ڪيون ٿا. منهنجي ذهن ۾ ٿورو به شڪ ناهي ته اها امريڪا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڊگهن ۽ بهترين تعلقات جي شروعات آهي."

گورنر جنرل پنهنجي اعتماد جي قابل سائي ابوالحسن اصفهاني کي امريڪا ۾ سفير مقرر ڪيو جنهن 8 آڪٽومبر 1947ع ۾ امريڪي صدر ٽرومين کي سفير جي حيثيت سان پنهنجي مقرري جا ڪاغذ پيش ڪيا. ان تي امريڪي سفير مختلف شعبن ۾ تعاون جو يقين ڏياريو 9 آڪٽومبر 1947ع ۾ جناح صاحب ٿي امريڪا ۽ پاڪستان جي وچ معاشي تعلقات جي حوالي سان گڏيل تعاون جو هڪ فارمولو پيش ڪيو جنهن پاڪستان کي امريڪي معاشي مفادن جو پوٺلڳ ڪري ڇڏيو.

امريڪا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڪجهه سالن کانپوءِ هڪ دفاعي معاهدو طئي ٿيو ۽ ڪميونسٽن جي وڌندڙ وڪن کي روڪڻ جي لاءِ سيٽو (1954ع) ۽ سينٽو (1955ع) جا معاهدا وجود ۾ آيا. جن ۾ پاڪستان پڻ شامل هو جنرل ايوب خان جي دور ۾ امريڪا پاڪستان جي اندرين ۽ ٻاهرين پاليسين تي پوري قوت سان اثر انداز ٿيڻ شروع ٿي ويو هو. ان عرصي ۾ پاڪستاني نظام ۾ فوج کي امريڪا مرڪزي حيثيت ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. 1962ع کانپوءِ جڏهن امريڪا انڊيا کان هٿيارن جي ميسري جو معاهدو ڪيو ته تڏهن ايوب خان ۽ امريڪا جي تعلقات ۾ مانار اچي وئي. ان دوران جڏهن ايوب خان روس جو دورو ڪيو ته ان دوري جي دوران امريڪا ماسڪو ۾ ٿي ايوب خان کي ان جي واشنگٽن جي طئي ٿيل دوري جي رد ٿيڻ جو اطلاع ڏئي ڇڏيو ۽ پوءِ پاڪستان جي گهٽين ۾ "ايوب ڪتو" جا نعرا گونجڻ لڳا. هڪ سياسي ليڊر کي جوندي پڌو ويو ته امريڪا ايوب خان کان ناراض ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ انهن ٿي ليڊرن جي قيادت ۾ جنوري 1968ع ۾ "پي ڊي ايم" ناهي وئي.

ملڪي سلامتي ۽ خودمختياري جي قيمت تي پاڪستان امريڪا جي خاطر ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجو پاڻ کي پنهنجن مفادن جي ڀيٽ ۾ خطرن ۾ وڌو ڪيترن ئي نازڪ مامرن ۾ امريڪا جي مدد ڪئي. سڄي دنيا ۾ پکڙيل امريڪي مفادن جي خاطر پاڪستان ڪيترن ئي ملڪن جي پاڻ تي دشمني ڪنئي. جڏهن ته امريڪا سدائين دوستي جي اوٽ ۾ پاڪستان سان دشمني ڪئي. هن پاڪستان جي مفادن جو ڪڏهن به ڀرم نه رکيو هر ٻن ٽن سالن کانپوءِ جي ٻاهرين يا اندرين حالتن ۾ اهڙي بي يقيني ۽ افراتفري جي ڪيفيت پيدا ڪئي وئي ته هر ڀيري ملڪ جي اندر زلزلو اچي ويو ٿي. ملڪ عدم استحڪام. جو شڪار ٿي ويو ٿي. ۽ هر ڀيري ان افراتفري جي پليان امريڪا بيٺل هوندو آهي.

ٻاهرين دارومدار تي مشتمل پاليسي جي سبب کان امريڪا پاڪستان کي ڪڏهن ٽشوپيپر کان وڌيڪ حيثيت نه ڏني ته جيڪو هڪ وقت تائين ٽيبل تي ٻچيل شين ۾ شامل هوندو آهي. ۽ ان جي استعمال کانپوءِ ردي جي ٽوڪري ۾ ڦٽو ڪيو ويندو آهي. خوداحصاري جي سنجيده ۽ ٺوس حڪمت عملي اڄ تائين پاڪستان ۾ نه ناهي وئي حقيقت اها آهي ته اهو امريڪا ئي آهي ته جنهن پاڪستان ۾ سگهه ڏيڻ واري حڪمت عملي جي وڌڻ ويجهڻ نه ڏنو امريڪا جي اها تاريخ رهي آهي ته هن کي جنهن ملڪ ۾ به مداخلت جو موقعو مليو هن ان ملڪ کي سياسي ۽ معاشي عدم استحڪام جو شڪار بڻائي رکيو پاڪستان کي جڏهن به امريڪا جي ضرورت پئي ته هن غيرجانبداري جي چادر مٿان وجهي ڇڏي. 1965ع جي جنگ ۾ ائين ٿي ٿيو ۽ 1971ع ۾ ستين بحري ٻيڙي جي اچڻ جا چرچا هئا. جنهن نيٺ پاڪستان جو ٻيڙو ئي ٻوڙي ڇڏيو ۽ پاڪستان ٽڪر ٿي ويو حال کان واقف ڄاڻين ٿا ته اها جنگ ۽ ان جي نتيجي ۾ بنگلاديش جي علحيدگي به امريڪي سامراج جي ان حڪمت عملي جو نتيجو هئي جنهن جي تحت پاڪستان سوويت يونين خلاف امريڪا جو دوست بڻجي ڪري ڪردار ادا ڪيو ۽ ان ۾ بنگلاديشي قيادت جي دلچسپي نه هئڻ جي سبب ڪنهن تعاون جا امڪان ختم ٿي ويا.

1971ع ۾ امريڪي پرڏيهي وزير هنري ڪسنجر پاڪستان دوري تي آيو ۽ پاڪستان جي معرفت چين سان تعلقات رکي ويو ان جي نتيجي ۾ صدر نڪسن جي چين واري دوري جو رستو صاف ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ امريڪا روس جي مقابلي جي لاءِ چين سان تعلقات جو ڳانڍاپو رکيو 1974ع ۾ جڏهن ڀارت پنهنجو پهريون ايٽمي ڌماڪو ڪيو ته پاڪستان به ان رستي تي هلڻ جو فيصلو ڪيو ۽ فرانس سان ايٽمي ري ايڪٽر جو معاهدو ڪيو ته امريڪي سرڪار فرانس تي دٻاءُ وجهي معاهدو ختم ڪرايو ۽ گڏ ئي هنري ڪسنجر پاڪستاني وزيراعظم کي ايٽمي پروگرام بند نه ڪرڻ تي عبرتناڪ سزا ڏيڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني. ان وقت ذوالفقار علي ڀٽو جو اهو چوڻ هيو ته منهنجي خلاف عالمي سازش ترتيب ڏني وئي آهي. جنهن کي امريڪا مالي امداد ميسر ڪئي آهي. ۽ منهنجن سياسي مخالفن کي سازش ۾ مهرو بڻايو ويو آهي. ۽ پوءِ وارين حالتن ثابت ڪري ڇڏيو ته امريڪا اهو ڪري به ڏيکاريو

ان وقت به امريڪي خواهشن کي پاڪستاني سياسي پارٽين پورو ڪيو هو امريڪا جي ناپاڪ ارادن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ "نظام مصطفيٰ" جي مذهبي نعري کي استعمال ڪيو ويو ان وقت انهيءَ تحريڪ ۾ پاڪستان جي سگهاري پيپلز پارٽي ۽ موجوده زرداري ليگ جي خلاف اهي سموريون پارٽيون اڳيريون هيون جيڪي وزيراعظم عمران خان جي خلاف عدم اعتماد واري تحريڪ ۾ شامل ٿي ڪري گڏ ويٺيون آهن (شرم تم ڪو مگر آتي نهين) (هڪ مذهبي سياسي جماعت انهن ٻنهي موقعن تي ٺهڻ واري اتحاد جي اڳواڻي ڪري پنهنجي سامراجي تاريخ جون گهرجون پوريون ڪيون. ياد رهي ته اها جماعت آزادي پسند علماءِ جي جمعيت جي پٺ ۾ خنجر هڻي ڪري 1945ع ۾ ناهي وئي هئي.) 1977ع ۾ "نظام مصطفيٰ" جي مذهبي عنوان جي تحت پيدا ڪيل تحريڪ جي نتيجي ۾ پاڪستان ۾ آمريت قائم ٿي وئي. پوءِ ان جي ڇٽي جي هيٺان امريڪي پراڪسي جنگ افغانستان ۾ به وڙهي وئي. ان وقت سموريون مذهبي ۽ سياسي پارٽيون امريڪي سرپرستي ۾ هڪ ٻئي کان اڳيريون هيون. پوءِ ان آمريت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ اطلاع جي مطابق امريڪا جهاز کي فضا ۾ ئي اڏائي ڪري ضياءُ الحق کان جان ڇڏائي ورتي. ۽ پوءِ ٺيڪ امريڪي اوليتن جي بنياد تي نام نهاد جمهوري قوتن کي حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو امريڪي ڪانگريس اسيمنگلن ترميم 1976 ۽ برسيلز ترميم 1985ع ۾ چٽي نموني تي پاڪستان کي اهو پيغام ڏنو ويو ته جيڪڏهن پاڪستان پنهنجو جوهري پروگرام جاري رکيو ته نه صرف امدادي پيڪيج خطري ۾ پئجي ويندو بلڪ ٻنهي پاسن جا تعلقات به خطري ۾ پئجي ويندا. ان ريت پاڪستان تي امريڪي دٻاءُ وڌائي ڪري مفاد حاصل ڪيا ويا.

امريڪي صدر اوباما جي دور ۾ ڪيري لوگر بل پاس ٿيو ته ان وقت سياسي ڌرين ۾ ان بل کي پاڪستان جي مامرن ۾ امريڪي مداخلت جو ذريعو قرار ڏنو ويو 29 جنوري 2021ع ۾ لاهور ۾ ريمنڊ ڊيوس ٻن ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو مگر امريڪا پنهنجي ڪرتا ڌرتا طاقتور ڌر جي معرف سان ان کي حفاظت سان پاڪستان کان وٺي ويو ان جي آزادي جي آخري عدالتي ڪاروائي پڙهي ڪري انسان شرمسار ٿي وڃي ٿو بعد ۾ ريمنڊ ڊيوس پنهنجي ڪتاب "دي ڪنٽريڪٽر" ۾ پاڪستان جي رياست ۾ امريڪي مداخلت جو انڪشاف پڻ ڪيو

انهيءَ تسلسل ۾ 2011ع ۾ امريڪا پاڪستان جي شهر ايبٽ آباد ۾ اسامه بن لدن کي مارڻ جو شڪي آپريشن پاڪستاني طاقتور ڌر جي بيان جي مطابق پاڪستان جي اجازت کانسواءِ ڪيو. مگر ان وقت جي وزيراعظم يوسف رضاگيلاني ان کي عظيم ڪاميابي سان ڀيٽا ڏني. صدر آصف علي زرداري ان کي بهترين عمل قرار ڏنو ان وقت جي 2014ع جي مشهور ڌرڻي جي سبب چين جي صدر جي پاڪستاني دوري ۾ رڪاوٽ وجهڻ کي به امريڪا جي مداخلت قرار ڏنو ميموگيٽ اسڪينڊل ۾ به اثر رسوخ چٽو ٿي نڪري سامهون آيو

حال ئي ۾ پاڪستاني وزيراعظم (هن وقت اڳوڻو) جي چين ۽ روس جي دورن کانپوءِ امريڪا انتظاميا جي باقاعده مداخلت جي نتيجي ۾ ملڪي ادارن حڪومت جي تبديلي چاهي. اهو قول سابق وزيراعظم "ان جي دوري جي دوران روس پاڪستان کي 30 سيڪڙو گهٽ قيمت تي تيل ۽ 20 لک ٽن ڪڻڪ ڏيڻ تي راضي ٿيو هو"

ڪمزور ملڪن کي پنهنجي اثرهيٺ رکڻ جي لاءِ سامراج معاشي هٿيار استعمال ڪري ٿو جيتوڻيڪ هن شروع کان پنهنجن ڪارندن جي مدد سان پاڪستان کي پيداواري منڊي جي راهه تي ڪڏهن هلڻ نه ڏنو 75 سال کان اسان جو ملڪ صرف نالي ماتر منڊي جي حيثيت سان ساهه کڻي رهيو آهي. ان صورتحال پاڪستاني معشيت کي مسلسل دٻاءُ ۾ رکيو آهي. آئي ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ جهڙن ناسوري ادارن جي جوڙ تي پاڪستان جي درآمدات کي برآمدات کان وڌيڪ رکيو آهي. ان سلسلي جي حل ڪرڻ بنا مهانگائي ۽ بيروزگاري ڪنٽرول ڪرڻ ممڪن ناهي. امداد جي نالي تي وياج مٿان وياج وارن قرضن جي جڪڙ پاڪستاني معشيت جي بربادي جي سڀ کان وڏي ڳالهه آهي. رهيل سهيل ڪسر امريڪي ايماء تي ايف اي ٽي ايف پوري ڪري ڇڏي ٿو

امير انهيءَ صورت کي بدلائڻ نٿا چاهين ملڪ جي حالت سالن کان اقتدار ۾ رهڻ واري هڪ سياسي پارٽي جي اڳواڻ جيڪو هن وقت دفاع جي عهدي تي مقرر آهي سچ اوچاڳي ورتو ته پاڪستان امريڪي معاشي رحم ڪرم تي هلي رهيو آهي. ان تصور کي موجوده وزيراعظم (جنهن کي ڪجهه ڌريون سليڪٽيڊ جي جواب ۾ امپورٽيڊ به ڪوٺين ٿا) اهو چئي ڪري سگهه ڏني ته "پيناگ ماڻهو ڪنهن شيءِ جي چونڊ جو حق نٿا رکن" يعني اسان ان جي غلامي کي ڳچي جو هار سمجهي پائڻ تي مجبور آهيون حالانڪ ملڪ ۾ خودمختياري جي لاءِ اها صورتحال قاتل زهر جي برابر آهي.

ملڪ جي قيام کان وٺي ڪري اڄ تائين ملڪي نظام. جي ان سبب تي ويچار واري مطالعي تي ڌيان ڏيڻ جي اشد ضرورت آهي ته ملڪي نظام جي سرڪاري ۽ نجي ادارن. سياسي ومذهبي پارٽين ۽ غير سرڪاري تنظيمن ۽ شخصيتن ۾ سامراجي اثر ڪافي ڳوڙها آهن. پاڪستان جي سمورين سياسي پارٽين ۾ امريڪا جو ڪافي اثر رسوخ آهي. ايستائين ته امريڪا تي تنقيد جونشانو بڻائڻ وٽ به مداخلت ۽ سازش کان وڌيڪ بي ڌياني جي شڪايتي وارو عنصر پڻ ڏنو وڃي ٿو انهيءَ پسمنظر ۾ حال ئي ۾ جو بائيڊن جي ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي مسلم ميمبر ڪانگريس الحان عمر قيادت ۾ امريڪي وفد حڪومت ۽ اپوزيشن ٻنهي سان خاص ملاقاتون ڪيون آهن. جنهن کانپوءِ اهي روايتون جاري آهن.

حقيقت اها آهي ته امريڪا جهڙي سامراجي ملڪن وٽ حقيقي يا سچي دوستي نالي جي ڪا شيءِ ناهي هوندي بلڪ هر ڌر جا پنهنجا پنهنجا مفاد هوندا آهن ۽ اهي حالتن جي پٽاندڙ بدلبا رهن ٿا.

اها هڪ حقيقت آهي ته ملڪ ۾ عدم. استحڪام جي سامراجي سياست ملڪ کي قرضن جي ڏٻڻ وڏڪ ڌوڏڻ جو سبب بڻجي رهي آهي. ان لاءِ ملڪ جي طاقتور ڌر کي به ملڪ جي اندروني مسئلن ۾ ٻاهرين مداخلت تي سوچڻ گهرجي ته ته ملڪ هڪ ڏينهن تباهه ۽ برباد ٿي ويندو.

***

ڪُوئي ڪُهي سُپرِين، ڪُوئي ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هيٺان نِينهَن جي، پاسي ڪرمَ پانُ؛
جُلَ، وِڃائي جانُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

ڪپهه ۽ سارين جي آبادگارن جو معاشي قتل بند ڪريو

ليکڪ قربان علي مهر

سنڌ جي زراعت سون جي کاڻ آهي زراعت ختم ٿي ته ملڪ ۾ ڪجهه نه بچندو آبادگارن جي حقن لاءِ اسان سان وفاق نه ظلم ڪري ٿو پر احساس اسان جي سنڌي حڪمرانن کي نٿو اچي جيڪا صدين کان چُپ جو روزو رکيو ويٺي آهي زراعت جي حقيقي مسئلي تي سنڌ جي آبادگارن سان مسئلو اڄ جو نه آهي پر اهي ايذاءُ ڪيترن سالن کان رسايا پيا وڃن. هاڻي ته ظلم جي انتها ٿي وئي آهي جو ڪپهه. سارين ۾ به هارين ۽ آبادگارن جو استحصال شروع ڪيو ويو آهي.

موجود نگران حڪومت جو ته ملڪ جي زراعت سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ خاص ڪري سنڌ جي زراعت کي تباهه ڪندڙ پاليسيون ڪپهه توڙي ٻيا فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچن ٿا ته آبادگارن کي جنسن جو موجوده ريٽ نٿو ڏنو وڃي.

پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن جي خوشحالي ۽ سڌاري جو دارومدار زراعت تي آهي ۽ قومي آمدني جو 70 سيڪڙو زراعت مان حاصل ٿئي ٿو جڏهن ته ملڪ جا 80 سيڪڙو ماڻهو سڌي يا اڻ سڌي ريت زراعت جي ڌنڌي سان سلهاڙيل آهن پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته انهي زرعي ملڪ ۾ هر ايندڙ حڪومت زراعت سان پنهنجي وس آهر حشر ڪيو آهي جڻ هارين ۽ آبادگارن سان ڪو پراڻو پلاند رهيل هجي زرعي ڪاتو اڳ به صوبائي حڪومتن وٽ رهيو پر 18هين ترميم کانپوءِ گهڻي حد تائين اختيار صوبن کي مليا پر اهي اختيار ملڻ باوجود سنڌ جي صوبائي حڪومت زراعت سان ساڳي روش برقرار رکي صوبائي حڪومت زرعي سڌارا ته نه آڻي سگهي آبادگارن جي ڪيتري سخت محنت آهي فصلن تي اهو ڪڏهن سوچيو به اٿوَ؟ حڪمرانن کي ڪپهه جي اشوز تي ڌيان ڏيڻ گهرجي آبادگارن جي جنسون گهٽ اگهه تي خريداري زرعي ڀاڻ جي هڙتال ۽ ڪوٽ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ خلاف ڪو نه قدم کنيو ۽ نمائندگي جو ڪجهه حق نه ادا ڪيو زراعت اسانجي ملڪ جي ريڙهه جي هڏي آهي انکي به تباهي جي طرف ڌڪيو پيو وڃي آخر اهو ڪيستائين جاري رهندو

جنهن سبب آبادگار پريشان آهن سنڌ جي زراعت آبادگارن سان سدائين ائين ئي ظلم ڪيو ويندو آهي جڏهن سنڌ ۾ ڪپهه. ڪڻڪ ۽ سارين جو فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچڻ شروع ٿيندا آهن ته ٻين ملڪن مان گهرائي سنڌ جي آبادگارن کي هڙتال تباهه ڪيو ويندو آهي اسانجو ملڪ پاڪستان زرعي ملڪ زراعت تي مشتمل آهي ملڪ جي گهڻي ڀاڱي آبادي زراعت سان سڌي يا اڻ سڌي طرح واسطو رکي ٿي چار موسمن جي ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي آبپاشي نظام جي هوندي به اسان جي زراعت ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ صفا گهٽ آهي ڪپهه جي معاملي ۾ هر سال هارين ۽ آبادگارن کي ڪُٺو ويندو آهي ۽ بيوري بدقسمتي اسان وٽ هارين کي جاهل يا غير سنجيده سمجهيو ويندو آهي ته زراعت کي پٽ تي ڪرڻ ۾ حڪومت زراعت کاتي جو وزير بالا آفيسرز ۽ جعلي ڪمپنين جي مالڪن ڊيلرن جو وڏو هٿ آهي هاڻي ڳالهه هلي ٿي آبادگارن جي فصلن جي جڏهن تيار ٿي مارڪيٽ ۾ فصل ڪڻي ٿا اچن ته هٽ سان ريٽ ڪيرائي ڇڏين ٿا.

هن سال شروعات ۾ ڦٽي جو مناسب ريٽ مقرر ڪيو ويو ڏهه هزار روپيا في مڻ ڦٽي خريد ڪئي وئي پر جڏهن عام جام ڦٽي مارڪيٽ ۾ آئي ته اوچتوئي اوچتو ڦٽي جو ريٽ ڇهه کان ست هزار ڪري سنڌ جي ڦٽين جي آبادگارن کي تباهه ڪيو ويو نه صرف ڦٽيون پر سنڌ اندر جيڪو به فصل پچي تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچن ٿا ته انهن جو ريٽ هٽ سان ڪيرائي ڇڏين ڪارخانيدارن واپارين جي هڪ هٽي قائم هجڻ ڪري ڪپهه جو فصل پوکائي گذريل ٽن سالن کان لڳ ڀڳ ستر سيڪڙو گهٽ ٿي وئي آهي پر هن سال ڪپهه جي آبادگارن سان دوکو ڪيو ويو آهي ڪوبه آبادگار ڦٽي جو فصل ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي هاڻي ڪاٽن فيڪٽرين جا مالڪ هاڻي ڪاٽن ملن ۾ ڪپهه جي بدران پلال جون گنڍڙيون ٺاهن آبادگارن ڪپهه جو نعم البدل وري سارين ۽ ٻيا فصل پوکيا مگر هن سال مافيائن هڙتال ڪپهه سارين جو ريٽ ڪيرائي سنڌ جي اندر لکين ايڪڙن تي مهانگا ڪپهه توڙي سارين جا ٻج خريد ڪري پوکيل فصلن جا مالڪ تباهه ٿيندي ڏسي رهيا آهيون يوريا جي به هزار روپيا ملندڙ ٻوري بليڪ تي ساڍا چار هزار ڪئي وئي ۽ ڊي اي پي پنج هزار واري تيرنهن هزار ۾ ۽ اسپري جون دوائن جا ڊبل ريٽ ڪري مهانگيون ڪيون ويون آهن انهيءَ سان گڏ مهنگائي جي ڪري فصلن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کان وٺي ڪارخانن تائين سمورن وسيلن ۾ مزدوري ۾ پڻ ڊبل واڌ ڪئي وئي، سيني کي خبر آهي ته زراعت ملڪي معيشت جي ريڙهه جي هڏي آهي، جنهن کي ڪمزور ڪري توهان پنهنجي ريڙهه جي هڏي ختم ڪري رهيا آهيو زراعت کي نقصان ٿيو ته هتي موجود هارين مزدورن ۽ پورهيت طبقن جي چيلهه ڇپي ٿي ويندي سڀ ڪجهه سراسر عوام دشمني آهي ڏٺو وڃي ته اسان جي وطن ۾ هارين کي ٻج ڀاڻ تي سبسڊي پيڪيج ڪين ناهن ڏنا ويندا ،ساڳئي ئي ملڪ پاڪستان جي صوبي پنجاب ۾ حڪومت هارين کي ڪجهه موٽ پيڪيج ڏيندي آهي پر سنڌ حڪومت ڪڏهن به زراعت جي مسئلن کي ائين سنجيده ناهي ورتو اسين سمجهون ٿا حڪومتن سان گڏ زراعت جي تباهي جا اسين سڀ ڀاڱي به زميوار آهيون ڇاڪاڻ ته اسين پنهنجا زرعي حق گهرڻ ڇڏي ڏنا آهن ان ۾ صرف هڪ هاري جو قصور ناهي معاشري جي هر هڪ فرد جو قصور آهي ته هو زراعت کي تباهه ٿيندي ڏسي خاموش رهي ٿو ان لاءِ حڪومت سنڌ ۽ هر هڪ فرد کي زراعت لاءِ سنا اپاءَ وٺڻ گهرجن ته جيئن اسان جي زراعت بهتر ٿي سنڌ جي زراعت مڪمل تڏنگي ٻٽيل آهي جنهن جو ڪو ڌڻي وارو ڏٺي سائين ئي ناهي. ڏٺو وڃي ته ڪنهن به ڪاروبار ۾ ٿورو نقصان ٿئي ٿو ته ملڪ سڄو پريشان ٿئي ٿو پر زراعت مڪمل تباهه ٿي وڃي ڪنهن کي ڳڻتي ڪونهي پر افسوس ان سڄي عمل ۾ اسان جي نگران حڪومت جو ڪو ڪردار ڪونهي هن ملڪ ۾ زراعت کاتو جڻ حڪومت جي ڪنهن لسٽ ۾ شامل ڪونهي پوءِ چاهي وفاقي حڪومت هجي يا سنڌ حڪومت پر سنڌ جي زراعت سان انهن کي ڪابه دلچسپي ناهي، پر وڌيڪ افسوس ايڏي تباهي کان پوءِ سنڌ جو آبادگار هاري به سڪون سان ستو پيو آهي سندس گهر لٽجي ڦرجي وڃي ٿو پر هو دانهن ڪرڻ لاءِ به تيار ڪونهي پر جيستائين آبادگار هاري همت نه ڪندو تيستائين سندس حلال ۽ محنت جي ڪمائي تي ڌاڙا جاري رهندا ۽ حڪومت يا زراعت کاتو به سڪون سان ستل هوندا.

سنڌ جي موجوده نگران حڪومت کي گهرجي ته يوريا ۽ ڊي اي پي تي آبادگارن کي سبسڊي ڏني وڃي ۽ ڪپهه جو في مڻ اگهه ڏهه هزار ۽ سپر سارين جو پنج هزار. مقرر ڪري . ناجائز ٿيندڙ ڪٽوتيون بند ڪري آبادگارن هارين کي معاشي طرح تباهه ٿيڻ کان بچائي.

بقايا *** 01

ليفٽيننٽ ڪرنل نذير مظفر ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ملٽري انٽيليجنس ڪور مان ميجر وليد خالد ۽ ميجر قيس ڪامران ڊپٽي ڊائريڪٽر تعينات مقرر.

بقايا *** 02

ڪيو ۽ ان کيس جهاز لينڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني. سول ايوي ايشن اٿارٽي جي ترجمان جهاز جي ڪراچي ايئرپورٽ تي هنگامي لينڊنگ جي تصديق ڪئي. ترجمان چيو ته جهاز جي لينڊنگ کانپوءِ بارڊر هيلٿ سروسز سي اي اي جا ڊاڪٽر فوري طور پهچي ويا ۽ مسافر کي طبي امداد فراهم ڪئي.

بقايا *** 03

واري وزارت پاران ٻڌايو ويو آهي ته ايم ڊي آءِ ايم ايف جي اجلاس ۾ شمشاد اختر ۽ مختلف ملڪن جي ناڻي واري وزيرن شرڪت ڪئي. بيان موجب ملاقات ۾ عالمي معاشي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ ڪوششن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي بيان موجب نگران ناڻي واري وزير کي پاڪستان ۾ معاشي استحڪام لاءِ قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي. ان کان علاوه شمشاد اختر مراڪش ۾ عالمي ريٽنگ ايجنسين موڊيز ۽ سينڊر اينڊ پورز جي وفدن سان به ملاقاتون ڪيون آهن. ان دوران ناڻي واري وزير مثبت ريٽنگ ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد کي برقرار رکڻ لاءِ شفافيت جي عزم کي ورجايو ۽ معاشي استحڪام، ماليٽي گورننس ۾ بهتري ۽ سڌارن تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو.

بقايا *** 04

نشين ويڊيو جاري ڪري ڇڏي. حزب الله جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل شيخ نعيم قاسم موجب جهڙي طرح خطي مان داعش کي ختم ڪيو اهڙو انجام اسرائيل جو ٿيندو ڊبليو ايڇ او پاران فلسطينين کي غزا ڇڏڻ واري اسرائيلي حڪم جي مذمت ڪئي وئي آهي. ڊبليو ايڇ او چيو آهي ته اسپتالن ۾ موجود مريضن کي ڪڍڻ تي مجبور ڪرڻ موت جي سزا هوندي گڏيل قومن چيو آهي ته اسرائيل پاران غزا جو بند ڪيل پاڻي زندگي ۽ موت جو مسئلو بڻجي ويو آهي. ايروان جي ڪمشنر جنرل فلپ لازاريني موجب هن وقت 2 ملين ماڻهن کي پاڻي نه ملي رهيو آهي. فوري طور غزه ۾ پاڻي فراهمي بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي لبنان جي مزاحمتي تنظيم حزب الله جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل شيخ نعيم قاسم چيو آهي ته اسان پوري طرح تيار آهيون. جهڙي طرح خطي مان داعش کي ختم ڪيو اهڙو ئي ساڳيو انجام اسرائيل جو به ٿيندو. ريلي کي خطاب ڪندي حزب الله جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل چيو ته اسان فلسطين اسرائيل چڪتاڻ ۾ حصو وٺي رهيا آهيون ۽ پنهنجي وزن ۽ منصوبي جي تحت ان ۾ حصو وجهندا رهنداسين. نعيم قاسم چيو ته عرب ملڪ ۽ گڏيل قومن جي سفيرن طرفان سڌو سنئون اسان کي جنگ ۾ مداخلت نه ڪرڻ جو چوڻ سان اسان تي ڪوبه اثر نه پوندو. حزب الله پنهنجا فرض پورا ڪرڻ چاهي ٿي هن وڌيڪ چيو ته اسان پوري طرح تياري ڪري ورتي آهي جڏهن ڪارروائي جو وقت ايندو ته اسان به ان ۾ حصو وٺنداسين. ان کان اڳ حماس جي سربراهه اسماعيل هانيه طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو هو ته هڪ به فلسطيني غزه ڇڏي مصر هجرت نه ڪندو. مصر اسان جو مسلمان پاڙيسري ملڪ آهي ۽ مصري اسان جا ڀائر آهن. مصر طرف لڏ پلاڻ ڪرڻ مسئلي جو حل نه آهي. ٻئي طرف ايراني پرڏيهي وزير به اسرائيل جو ساٿ ڏيندڙن کي خبردار ڪندي چيو آهي ته ڪجهه ڪلاڪن ۾ اهو موقعو ختم ٿي ويندو. جيڪڏهن جنگ ۾ حزب الله شامل ٿئي ته اسرائيل تي ان جا تباهه ڪندڙ اثر پوندا

بقايا *** 05

حملن ۽ غزه جي محاصري جي ڀرزور مذمت ڪندي چيو ته فلسطين مسئلي تي پاڪستان ۽ سعودي عرب جو موقف تبديل نه ٿيو آهي. پاڪستان 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد فلسطيني رياست چاهي ٿو جنهن جو گادي جو شهر القدس الشريف هجي. پرڏيهي وزير ٻڌايو ته 18 آڪٽوبر تي جده ۾ او آءِ سي جو خصوصي اجلاس ٿيندو جنهن ۾ غزه جي انساني الميي تي ڳالهيون ٿينديون ۽ جنگبندي تي عمل ڪرڻ لاءِ پڻ غور ڪيو ويندو. هن زور ڏنو ته اسرائيل عالمي قانون جي پاسداري ۽ انساني حقن جو احترام يقيني بڻائي ۽ فلسطين بابت گڏيل قومن جي قراردادن جو احترام ڪري. اسرائيل 6 ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين فلسطينين تي ظلم ڪري رهيو آهي. جليل عباس جيلاني چيو ته تازي حملي ۾ به اسرائيل جارحيت جو مظاهرو ڪندي عام شهري آبادي تي بمباري ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت هزارين بيگناهه شهيد ٿيا. غزه ۾ پاڻي. خوراڪ. بجلي. علاج ڪجهه به نه رهيو آهي. جنهن سان انساني بحران جنم وٺي چڪو آهي. اها اسرائيل طرفان فلسطينين جي نسل ڪشي آهي. اسان فوري طور تي فلسطين امداد اماڻڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا *** 06

ڪيو آهي ته ڪو به فلسطيني مصر هجرت نه ڪندو. مصر اسان جو مسلم برادر ملڪ ۽ مصري اسان جا ڀائر آهن پر مصر ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ مسئلي جو حل ناهي. هن جو چوڻ هو ته مؤني فلسطينين جو اهو ئي فيصلو آهي ته هو پنهنجو ملڪ نه ڇڏيندا ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ئي رهندا. فلسطينين کان زبردستي سرزمين خالي ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائينداسين

بقايا *** 07

لاءِ گڏيل قومن جي پناهگيرن بابت ايجنسي جي ڪمشنر جنرل فلپ لازاريني چيو آهي ته اسرائيل غزا تي حملا ڪري پاڻي جي سپلاءِ بند ڪري ڏي آهي جنهن جي ڪري فلسطينين لاءِ پاڻ هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي. ڪمشنر جنرل فلپ لازاريني چيو ته هن وقت به ملين ماڻهن کي پاڻي دستياب ناهي جنهن جي ڪري هنن جي زندگي ۾ ڏکيايون وڌيڪ وڌي ويون آهن جنهن لاءِ ضروري آهي ته عزا ۾ پاڻ کي پهچائڻ جي اجازت ڏني وڃي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته هڪ هفتي کان غزا ۾ انساني امداد جي اجازت ناهي. رڳو پاڻ جي کوٽ سبب فلسطينين کي گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي جنهن سان بيمارين به پکڙجي سگهن ٿيون. ٻي پاسي هڪ بيان ۾ اسرائيل طرفان چيو ويو آهي ته هو غزا تي ٽنهي رستن (زمين. فضا ۽ سمنڊ) سان حملن جي تياري ڪري رهيو آهي ان حوالي سان صيهوني فورسز عزا جي شهرين کي هجرت (لڏ پلاڻ) ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا *** 08

ورڪنگ پيپر حڪومت کي موڪلي ڇڏيو مهانگائي سبب پريشان عوام لاءِ سٺي خبر آهي ته 16 آڪٽوبر کان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڏي لاٿ جو امڪان آهي. ان حوالي سان اوگرا حڪومت کي ورڪنگ پيپر موڪلي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ في ليٽر پيٽرول جي قيمت ۾ 38 رپيا 49 پئسا لاٿ جي تجويز ڏني وئي آهي. جڏهن ته ڊيزل جي في ليٽر قيمت ۾ 21 رپيا لاٿ جي تجويز آهي. پيٽروليم شين جي اگهن ۾ تبديلي جي حتمي فيصلي جو اختيار ناڻي واري وزارت وٽ آهي.

بقايا *** 09

ٻيو جهاز برداري ساموندي جهاز موڪلڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو پرڏيهي خبرو اداري موجب آمريڪا اوڀر رومي سمنڊ ۾ پنهنجو ٻيو جهازن سان ڀريل ساموندي ٻيڙو موڪليندو جنهن لاءِ بائيڊن انتظاميا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. آمريڪا جو جهازن سان ڀريل هڪ ٻيڙو اڳ به اسرائيل جي ويجهو موجود آهي جيڪو هڏن کي روڪڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ساموندي جهازن ۾ ٻيون نمايان صلاحيتون به آهن جن ۾ طبي، سرجن ۽ ڊاڪٽرن سان گڏ هڪ اسپتال به شامل آهي. اسرائيل جي ويجهو ٻهرين آمريڪي ساموندي جهاز جي موجودگي جي رد عمل لبنان جي مزاحمتي تنظيم حزب الله جو چوڻ هو ته خطي ۾ جنگي جهاز موڪلڻ سان اسان جي ويڙهاڪن کي ڊيڄاري نٿو سگهجي. اسان جنگ لاءِ تيار آهيون. حزب الله جو چوڻ هو ته آمريڪي صيهوني رياست جو ساٿي آهي ۽ بيگناهه شهرين جي قتل. ڌوهن. گهيراءَ. هنن جي گهرن جي تباهي ۽ سنگين ڏوهن جو ذميوار آهي. مزاحمتي تنظيم جو چوڻ هو ته خطي ۾ آمريڪي جهاز جي آمد ته رڳو اسرائيلي فوج جي ڪمزوري آهي پر لاڳيتو غير ملڪي حمايت جي ضرورت کي ظاهري ڪري ٿي.

بقايا *** 10

پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن سعودي عرب جي هنگامي دوري تي آهي جتي هن اڄ ولي عهد محمد بن سلمان سان ملاقات ڪئي. ٻنهي اڳواڻن عام شهرين جي تحفظ ۽ وچ اوڀر ۾ استحڪام اڳتي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ان موقعي تي محمد بن سلمان مطالبو ڪيو ته عزا ۾ بيگناهه ماڻهن کان حياتيون کسيندڙ فوجي ڪاررواين کي روڪيو وڃي. هن چيو ته عزا جو گهيراءُ ختم ڪرڻ سوڌو ٻين عالمي انساني قانونن جو احترام ٿيڻ گهرجي. سعودي عرب عزا ۾ چڪتاڻ روڪڻ لاءِ عالمي برادري سان رابطي ۾ آهي. ملاقات ۾ آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن چيو ته سعودي ولي عهد سان ملاقات هاڪاري رهي. گذريل ڏينهن انٽوني بلنڪن سعودي هم منصب فيصل بن فرحان سان ملاقات ڪئي هئي ۽ غزا جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هئي. ملاقات ۾ فيصل بن فرحان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو هو ته عزا ۾ سيزفائر ڪيو وڃي ته جيئن انساني بحران کي منهن ڏئي سگهجي. عزا تائين انساني امداد جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. فيصل بن فرحان جو چوڻ هو ته علائقائي ۽ عالمي سلامتي جي مفاد ۾ آمريڪا ۽ سعودي عرب سدائين گڏجي ڪم ڪيو آهي. خطو ڏکي وقت مان گذري رهيو ۽ پريشان ڪندڙ صورتحال آهي. ٻنهي ملڪن لاءِ خطي جي سلامتي لاءِ سهڪار جاري رکڻ جو اهم موقعي آهي. ملاقات ۾ انٽوني بلنڪن جو چوڻ هو ته اسرائيل پنهنجي ماڻهن جي دفاع جو جائز حق استعمال ڪري رهيو آهي. حماس 1300 اسرائيلي شهرين کي قتل ڪيو آهي. حماس فلسطينين جي نمائيندا نه پر دهشتگرد جماعت آهي. آمريڪي پرڏيهي وزير چيو ته عام شهرين جي تحفظ لاءِ گڏجي پوري ڪوشش ڪري رهيا آهيون. نٿا چاهيون ته ڪنهن عام شهري کي پلي اهو اسرائيل يا عزا ۾ هجي تڪليف پهچي.

بقايا *** 11

تي حملي جي خبرن کان پوءِ اسرائيل عزا تي حملن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو هو جيڪو هيل تائين جاري آهي. اسرائيل طرفان فلسطينين تي ڪيل بمباري ۾ هيل تائين 2500 ماڻهو شهيد ٿي ويا ۽ هزارين زخمي آهن جن ۾ اضافي جو سلسلو به جاري آهي. سڄي دنيا ۾ عام عوام ۽ مشهور شخصيتن ان وحشياڻي جنگ تي پنهنجي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ۽ هاڻي ڪئناڊا جي وزيراعظم جسٽن ٽروڊو به سامهون اچي ويو آهي. جسٽن ٽروڊو چيو آهي ته عزا ۾ سنگين انساني صورتحال تي گهري ڳڻتي آهي. شهرين جي ضرورتن کي ترت پورو ڪرڻ لاءِ انساني ڀهچ ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڪئناڊا انساني حقن جي قانونن جي احترام جو مطالبو ڪري ٿو.

بقايا *** 12

۽ سڄي وچ اوڀر تي نظر رکي آهي. هن چيو ته فوج ملڪ جي سلامتي جو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ وچ اوڀر ۾ ڪٿي به ڪم ڪندي. اسان سڀني ميدانن ۾ انتهائي طور تيار آهيون. سندس چوڻ هو ته غزا جي اتر ۾ موجود فلسطيني ڏکڻ ڏانهن هليا وڃن. اتر غزا ۾ اهم فوجي سرگرميون ٿيڻ واريون آهن. اسرائيلي فوجي ترجمان چيو ته غزا جا شهري صبح 10 وڳي کان منجهند 2 وڳي تائين نڪري سگهن ٿا. ان دوران ڪين نشانو نه بڻايو ويندو

بقايا *** 13

پيش ڪيل رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته هن وقت تائين 747 شڪايتون درج ڪرايون ويون آهن جڏهن ته 486 شڪايتن کي نبيريو ويو آهي ۽ 261 شڪايتن کي حل ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا پيا وڃن. نگران وڏي وزير جي هدايت تي وزيراعليٰ هائوس جو عوامي شڪايتي سيل 24 ڪلاڪ متحرڪ ڪيو ويو آهي. جتي ڪنهن به سرڪاري کاتي بابت ماڻهو سندن شڪايتون داخل ڪرائي سگهن ٿا. سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلين سيل جي رابطي لاءِ نمبرز 080091915، 02199202080 ۽ 02199202081 آهن.

بقايا *** 14

وزير حسين امير عبداللهيان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته صيهوني رياست پنهنجي بدترين دور مان گذري رهي آهي. اسرائيل رڳو آمريڪا جي ٽيڪ تي بيٺل آهي. ايران پرڏيهي وزير چيو ته هڪ هفتي جي جنگ ٻڌائي ڇڏيو ته اسرائيل اها جنگ نٿو کٽي سگهي. جيڪڏهن اسان جنگ ۾ حصو ورتو ته اسرائيل جا ايوان ڏڏي ويندا. سندس چوڻ هو ته اڃا به ڪيترين ئي صيهوني وسنديون القسام جي گرفت ۾ آهن. اسرائيلي پنهنجو رستو نه مٽايو ته مزاحمتي تحريڪون خطي جو نقشو تبديل ڪري ڇڏينديون

بقايا *** 15

هٿ ڪيو ويو اختيارين موجب مارجي ويل دهشتگرد صدام حسين 2008ع ۾ بلوچ لبريشن فرنٽ جو حصو بڻيو، سندس خلاف گوادر ۽ تربت ۾ اڻ ڳڻيا ڪيس داخل آهن ۽ هو ڪيچ ضلعي ۾ تخريبڪاري جا ڪيترائي سيل به هلائي رهيو هو

بقايا *** 16

زلزلي جي شدت 6.3 رڪارڊ ڪئي وئي. يو ايس جي ايس موجب زلزلي جو مرڪز هرات کان ڏکڻ اوڀر ۾ 32.8 ڪلوميٽر پري هو. افغان ميڊيا موجب هرات ۾ زلزلي سبب هيل تائين ڪنهن به نقصان جو اطلاع ناهي مليو. زلزلي جا لوڏا فراح ۽ باڌغيس صوبي ۾ به محسوس ڪيا ويا. واضح رهي ته هلندڙ مهيني دوران افغانستان جي صوبي هرات ۾ اهي ٽيون ڀيرو زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 17

وڃڻ لاءِ آءِ جي سنڌ کان اجازت گهري ورتي. ايس ايس پي انويسٽيگيشن ٽو سٽي سائوٿ زون ۾ مقرر انسپيڪٽر فياض احمد جانوري آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا کي هڪ خط لکيو آهي. جنهن ۾ هن حماس طرفان اسرائيل خلاف اعلان جهاد ۾ حصو وٺڻ ۽ جسماني طور تي پنهنجو حصو جهاد ۾ وجهڻ جي باضابطا طور اجازت گهري آهي. انسپيڪٽر فياض احمد جانوري پنهنجي پگهار جو 10 سيڪڙو حصو به الخدمت فائونڊيشن کي خاص طور فلسطين رليف آپريشن لاءِ ڏيڻ جي آڇ ڪئي آهي، خط ۾ انسپيڪٽر لکيو ته فلسطين جي آزادي تائين جهاد ۾ شريڪ رهڻ جي اجازت ڏني وڃي.

بقايا *** 18

اسپتال سميت سرڪاري ادارن تان سياسي بينر ۽ نالا هٽائڻ گهرجن. قانون جو نگران وزير عمر سومرو تفصيل موجب قانون جو نگران صوبائي وزير بئريسٽر عمر سومرو شاهي باغ پرسان هاڪي اسٽيڊيم ۽ پي سي بي ڪرڪيٽ جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ۽ ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفا ڪورائي پڻ گڏ هو. نگران وزير پي سي بي گرائونڊ جي حالت تي ڏسندي ڊپٽي ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته ان جي مرمت لاءِ پي سي بي کي لکيو وڃي. ان موقعي تي هاڪي گرائونڊ جي دوري دوران بئريسٽر عمر سومرو چيو ته هاڪي اسٽيڊيم تما سلو ٺهيل آهي ان سان گڏ يوٿ ڊيولپمينٽ سينٽر به تعمير ٿي رهيو آهي. نوجوان هنن گرائونڊ تي کيڏن ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪن هن چيو ته هاڪي اسٽيڊيم ۽ سول اسپتال سميت سرڪاري ادارن تي سياسي بينر ۽ نالا نه هئڻ گهرجن . ان موقعي تي ايس ايس پي کي هدايت ڏني ته ڌاڙيلن وٽ مغوي پوليس اهلڪار ۽ عام ماڻهو جلد بازياب ڪرايا وڃن ۽ ان سلسلي ۾ رينجرس سان گڏجي حڪمت عملي جوڙي وڃي.

بقايا *** 19

خطاب ڪندي پي ايف يو جي اڳواڻ خالد کوکر چيو ته 63 ڏينهن گذرڻ بعد به دلير صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. ايف آءِ آر ۾ قاتلن جا نالا شامل آهن. جيڪي سکر کان ڪجهه مفاصلي تي ٻيلي ۾ ويٺل آهن. اهي سنڌ پوليس کان ڏاڍا آهن ڇو؟ ايڇ يو جي اڳواڻ لالا رحمان سمون خطاب ڪندي چيو ته اسان جو فيصلو آهي ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ شهيد جان محمد مهر جو تڏو وڇائينداسين. هن چيو ته شهيد جان مهر جي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو اسان جو آئيني حق آهي. هن چيو ته سنڌ جي بدقسمتي آهي جو سنڌ جي اهم منصب تي غير سنڌي ويٺل آهن جن کي هڪ بهادر صحافي جي قتل جي درد محسوس نه ٿو ٿئي. حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي صدر اقبال ملاح چيو ته شعوري طور جيڪي ماڻهون سنڌ ۽ مظلوم عوام لاءِ سوچين ٿا ۽ لوچين ٿا ته انهن کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو. هن چيو ته جان محمد مهر جو قتل انهن سمورن ماڻهن جو قتل آهي. جيڪي سنڌ لاءِ ڪم ڪن ٿا. ترقي پسند پارٽي اڳواڻ شاهه نواز سيال، عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي نائب صدر امير حسن آزاد، جئي پرڪاش موراڻي، ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن بدين جي صدر رفيق آرائين، حاجي خالد محمود گهمڻ، سينئر صحافي شوڪت ميمڻ بختاور جمالي، محمد هارون گرياڻگ، سينئر صحافي تنوير آرائين ۽ ٻين تقريرون ڪندي چيو ته جان محمد جا قاتل جلدي گرفتار ڪيا وڃن. ٻي صورت ۾ هي احتجاجي تحريڪ جاري رهندي.

بقايا *** 20

افغاني موجود آهن جن ۾ ڪيترائي ئي افغان سٽيزن ڪارڊ ۽ پاڪستان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ موجب ترسيل آهن ته ڪيترائي ئي افغاني توڙي ٻيا غير قانوني طور ترسيل پناهگير لکن ۾ ٻڌايا وڃن ٿا. تازو ئي افغاني مهاجرن کي ڏنل الٽيميٽم ۾ پندرهن ڏينهن باقي بچيا آهن جڏهن ته هزارين افغاني گذريل چوڏهن ڏينهن اندر ملڪ ڇڏي چڪا آهن ۽ ڪيترائي ئي روزانو بنياد تي بسون ڀري افغانستان روانو ٿين پيا. تازو گهرو کاتي پاران سنڌ جي هڙني ڪمشنرز کي غير قانوني طور ترسيل ماڻهن کي بارڊر تائين ڇڏي اچڻ جا خرچ پچي ورتا آهن جنهن ۾ شماريات کاتي جا تفصيل به موڪليا ويا آهن جنهن ۾ هڪ حيرت جي ڳالهه سامهون آئي آهي شماريات کاتي جي جاري ڪيل انگ اکرن سڄي سنڌ کي حيران ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي ڊويزن ۾ غيرقانوني طور ترسيل سمورا غير ملڪي صرف 164948 ٻڌايا ويا آهن. جاري ڪيل انگ اکرن موجب ڪراچي جي هڙني ضلعن ۾ غير قانوني طور ترسيل افغانين جو انگ 118638 آهي.

بقايا *** 21

لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ ڪنهن به آمريت يا دهشتگردي جي اونداهي راتين ۾ پارٽي جو جهنڊو ڪرڻ نه ڏنو هن چيو ته راشد رباني مرحوم پارٽي قيادت ۽ ڪارڪنن جي دلين ۾ هميشه زنده رهندو هن چيو ته اڄ راشد رباني جي ورسي تي ڪارڪن مرحوم جي مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ دعا ڪن.

بقايا *** 22

رينجرز ترجمان موجب گشت دوران 18 ورهين جي ٻين ولد متل کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن جي تلاشي دوران سندس کيسي مان 110 روپيه انڊين ڪرنسي جا نوٽ پڻ هٿ آيا آهن. پڇاڳاڇا دوران ٻين ٻڌايو ته منهنجو تعلق راجستان انڊيا سان آهي. گرفتار ٿيل پارٽي شهري پاڪستان ڇو آيو ان بابت هو اڃان تائين ڪو به جواب نه ڏئي سگهيو آهي. رينجرز غيرقانوني طريقي سان پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ 18 ورهين جي پارٽي نوجوان کي وڌيڪ ڪارروائي جي لاءِ اسلام ڳوٺ ٿاڻي جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. جتي پوليس پارٽي نوجوان جي خلاف قلم 4/3 ايڪٽ جي تحت ڪيس داخل ڪري ورتو آهي.

بقايا *** 23

اتي موجود سيڪيورٽي گارڊ ٽنهي کي ڪڍي ڪلفٽن ۾ نجي اسپتال منتقل ڪيو. پوليس آفيسر ٻڌايو ته ٻڏندڙ شهباز يونس اسپتال ۾ فوت ٿي ويو. جڏهن ته ٻار بچي ويا آهن ۽ اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن. ڊي آءِ جي ڏکڻ موجب ٻڏي فوت ٿيل شخص ڊفينس فيز 8 جو رهواسي آهي.

بقايا *** 24

ويلن ۾ جيها ڌرجا 2 ڄڻا اياز حسين ۽ محمد حسن شامل آهن ڌرين ۾ چڪتاڻ تيز ٿي وئي، علائقي ۾ ڌمڪا پکڙجي ويو، واقعي جي اطلاع تي نئون ديرو پوليس ڳوٺ ابراهيم جي واڌ پهتي پوليس موجب جيها – ڏاهائي تڪرار تان واقعو پيش آيو آهي. اياز علي ۽ محمد حسن وارهه ريگيوليٽر وٽ مڇي ماري رهيا هئا ته هٿيارٻندن مٿن فائرنگ ڪئي پوليس جو چوڻ آهي ته هڪ ڄڻو محمد حسن گولين لڳڻ بعد وارهه ڪئنال ۾ ڪري ٻڏي ويو، لاش جي ڳولا ڪئي پئي وڃي. جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا *** 25

39 آءِ فونز جي سمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي. جوابدار فيصل سليم دبئي کان 39 آءِ فونز سمگل ڪري آيو هو آءِ فونز جي ماليت 3 ڪروڙ 70 لک رپيا آهي. ايئرپورٽ تي موجود ڪسٽم جي ٽيم تلاشي ڪانپوءِ 39 آءِ فونز پڪڙيا. جوابدار پاڻ کي معذوري ڏيکاري ويل چيئر تي ويهي گرين چينل جو استعمال ڪندي لائونج کان ٻاهر آيو ڪسٽمز اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدار خلاف ڪسٽم ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڪانٽس وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي.

بقايا *** 26

پيٽرول پمپ تي گاڏي ۾ گئس ڀرجڻ سبب سلينڊر ڦاٽي پيو واقعي ۾ گاڏي ۾ سوار ٻه عورتون فوت. جڏهن ته هڪ ٻار ۽ هڪ مرد زخمي ٿي پيا. پوليس ترجمان ٻڌايو ته مڪمل جاچ تائين گئس فلنگ اسٽيشن کي بند ڪيو ويو آهي

بقايا *** 27

موجب فهرست ۾ 128 دهشتگردن جا نالا ۽ تصويرون شامل آهن. انهن دهشتگردن جو واسطو بنون. لڪي مروت. مردان ۽ ٻين ضلعن سان آهي. جن جي سرن جي قيمت 3 لک رپين کان 70 لک رپين تائين مقرر ڪئي وئي آهي. دهشتگردن جي سرن جي مجموعي قيمت 10 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ آهي. سڀ کان وڌيڪ سر جي قيمت دهشتگرد ظاهر قادر جي 70 لک رکي وئي آهي. جڏهن ته دهشتگرد حبيب الحق جي سر جي قيمت 60 لک مقرر ڪئي وئي آهي. فهرست ۾ شامل دهشتگرد عجب شاهه جي سر جي قيمت 55 لک رپيا. حبيب الله. شاڪر الله. سيد الاڪبر ۽ نور قيوم جي سر جي قيمت 50_50 لک رپيا مقرر ڪئي وئي آهي. جڏهن ته دهشتگرد ڪامران. عمر ۽ اسماعيل جي سرن جي قيمت به 50_50 لک رکي وئي آهي. ان کانسواءِ دهشتگرد ڪفايت الله ۽ نذير شاهه جي سر جي قيمت ترتيب وار 55 لک ۽ 53 لک رپيا مقرر ڪئي وئي آهي. جڏهن ته دهشتگرد ڪمانڊر مولوي نعمت الله ۽ ڪامران جي سرن جي قيمت 40_40 لک رپيا مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 28

ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ اورنگزيب پنهور ٻڌايو ته سيپٽمبر تائين ڪل 34634.191 ملين رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ موٽر گاڏي ٽيڪس جي مد ۾ 2531.229 ملين رپيا . انفرااسٽرڪچر سيس جي مد ۾ 30126.891 ملين رپيا . پروفيشنل ٽيڪس جي مد ۾ 230.661 ملين رپيا ۽ ڪاٽن فيس جي مد ۾ 19.876 ملين رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو اورنگزيب پنهور ٻڌايو ته انٽرٽينمينٽ ڊيوٽي جي مد ۾ 21.720 ملين روپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو جڏهن ته باقي رقم ٻين ٽيڪسز جي مد ۾ وصول ڪئي وئي.

بقايا *** 29

ان اينالائيٽيڪل ڪيمسٽري وچ ۾ حيدرآباد ڊويزن لاءِ ڊويزنل فوڊ اينالائسز ليب ٺاهڻ لاءِ مفاهمتي ياداشت تي صحيحون ڪيون ويون. ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ۽ لاڳاپيل شعبي جي هيڊ ڊاڪٽر سيد طفيل حسين ۽ پروفيسر نيشنل سينٽر آف ايڪسيلنس ان اينالائيٽيڪل ڪيمسٽري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وچ ۾ گڏجاڻي ڪئي وئي. اجلاس ۾ ڊاڪٽر احمد علي شيخ، ڊاڪٽر سيما ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. هتي اها ڳالهه قابل ذڪر آهي ته نيشنل سينٽر آف ايڪسيلنس آن اينالائيٽيڪل ڪيمسٽري پاران ڇاڻايل ليب قائم ڪرڻ لاءِ جڳهه ۽ ٽيڪنيڪل مدد فراهم ڪئي وئي آهي. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين کين ڊويزنل فوڊ اينالائسز ليب جي قيام جي حوالي سان اڳڀرائي بابت آگاهه ڪيو . هن وڌيڪ چيو ته سنڌ فوڊ اٿارٽي سنڌ جي عوام کي خوراڪ جي محفوظ شين جي فراهمي کي يقيني بڻائي رهي آهي ۽ ان مقصد لاءِ ضروري آهي ته ڊويزنل سطح تي فوڊ اينالائسز ليبارٽريون ٺاهيون وڃن. ان موقعي تي ڊاڪٽر طفيل حسين. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين کي ليب جي ڪاميابي لاءِ ڀرپور سهڪار جو يقين ڏياريو.

بقايا *** 30

ليگ(ن) کي حلف نامي کان پوءِ جلسي جي اجازت ڏني آهي. ضلعي انتظاميه گريٽر اقبال پارڪ ۾ جلسي جي لاءِ مسلم ليگ(ن) کي شرط ۽ ضابطا به ٻڌايا آهن ۽ چيو ويو آهي ته جلسي جي انتظاميه پارڪس اينڊ هارٽيڪلچر اٿارٽي کان ڌار اجازت وٺڻي پوندي. مسلم ليگ(ن) کان ورتل حلف نامي ۾ چيو ويو آهي ته ڪنهن به قسم جو نقصان پهچڻ تي پارڪس اينڊ هارٽيڪلچر اٿارٽي رقم وصول ڪندي ضلعي انتظاميه چيو آهي ته جلسو ڪرائيندڙ آرگنائيزر سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ بابت لاڳاپيل اختيارين کان مسلسل رابطي ۾ رهنديون. ٽريفڪ پوليس ٽريفڪ پلان ۽ ٽريفڪ ايڊوائزري جاري ڪندي ياد رهي ته مسلم ليگ(ن) اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف جي ملڪ واپسي تي اقبال پارڪ ۾ جلسي جو اهتمام ڪيو آهي ۽ ان حوالي سان مسلم ليگ(ن) پنجاب جي صدر راڻا ثناءالله دعويٰ ڪئي آهي ته اقبال پارڪ جو جلسو گذريل سمورن جلسن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيندو.

بقايا *** 31

هڙتال ڪوٽ. منشيات فروشي. فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ ۽ ساموندي پٽي تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ پاران بدين ۾ هزارين ماڻهن جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتون ۽ ٻارڙا شريڪ. ريلي ۾ سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور. افغاني سمورا نامنظور. زمينن تي قبضا بند ڪريو. ڪارونجهر ڪٽڻ بند ڪريو. ڪير ٿر تي قبضو نامنظور. وسيلن جي ڦرلٽ بند ڪريو. ڌاريا آڻي نئون اسرائيل ٺاهڻ بند ڪريو ڌاڙيل راڄ نامنظور ساموندي پٽي تي قبضو نامنظور جا اپ ڏاريندڙ نعرا. ريلي بدين جي والا چوڪ کان ٿيندي پريس ڪلب پهچي وڏي عوامي جلسي عام ۾ تبديل ٿي وئي. ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي نائب صدر حور النسا پليجو، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري مروت هاليپوٽو، ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، زرقا هاليپوٽو، علي محمد پروين ايڊووڪيٽ وسند ٿري، ايڊووڪيٽ اظهار دائودپوٽو، ناليواري اديب مير حسن آريسر، ايڊووڪيٽ راحيل پٽو، جاڪرو نوحاڻي، محمد علي ٽالپر، ايڊووڪيٽ مير بشير ٽالپر، مهراڻ درس، اياز ڪوسو علي محمد ڪلمتي، ايڊووڪيٽ فاضل زئور، ايڊووڪيٽ آصف ڪوسو، ايڊووڪيٽ رام ڪولهي، هميرو مل ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته پاڪستان ٺهڻ شرط محمد علي جناح جي اصولن تي عمل ڪرڻ بدران ملڪ جي ننڍن صوبن ۽ خاص ڪري سنڌ جي قدرتي ۽ معدني وسيلن، روزگار، شهرن ۽ لکين ايڪڙ زمينن تي وڏي سازش سان قبضو ڪيو ويو. جناح جي سيڪيولر سوچ جي مخالف حڪمرانن ملڪ ۾ انتها پسندي ۽ جنونيت جي آبياري ڪئي. پاڪستان کي آزاد ۽ خود مختيار ملڪ بنائڻ ۽ اقتصادي طور تي مضبوط ڪرڻ بدران برطانوي سامراج جي تربيت يافته سياستدانن. سول بيورو ڪريسي ۽ جنرل ايوب جهڙن آمرن ملڪ کي قرض لئي ڪنگال بڻائي آمريڪي سامراج جي ڪالوني بڻائي ڇڏيو هن چيو ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن شهرن ۽ وسيلن تي قبضي ڪرڻ جي جيڪا سازش ڪئي وئي هئي هن وقت به اها ساڳي پاليسي جاري آهي. ون يونٽ هئي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ هاڻي وري سبز انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪيو پيو وڃي. سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن ۽ مڪانن ڪارونجهر گورک. ڪيرٿر نيشنل پارڪ. گنجو ٽڪر. ڪينجهر ڍنڍ. هاليجي ڍنڍ. منڇر. ڀنڀور سميت سنڌ جي ٻين تاريخي ثقافتي ماڳن تي والارجاري آهي. رهائشي اسڪيمن جي نالي ۾ سنڌ جي ثقافتي ماڳن تي قبضا سنڌ جو وجود ختم ڪرڻ جي سازش آهي. بحريا ٽائون ذوالفقار آباد. ڊي ايڇ اي سٽي ۽ ٻين وڏين رهائشي اسڪيمن جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪيو ويو آهي ايم ڪيو ايم جي فرمائش تي پيپلزپارٽي جي سهولتڪاري ۾ بوگس ۽ فرمائشي ڊجيٽل آدمشماري وسيلي سنڌين کي اقليت ۾ ڏيکاري سنڌ جي ساموندي پٽي تي قبضو ڪري عالمي سامراجي ايجنڊا تحت سنڌ ۾ نئون اسرائيل ٺاهڻ جي سازش سٽي وئي آهي. جنهن جو بنياد ڪراچي ۾ دهشتگردن کي سيٽون وڌائي ڏيڻ ۽ لکين غير ملڪين کي ڪوڙا سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ سان وڌو ويو آهي. آمريڪي سامراج جي اشارن تي فلسطينين مٿان ظلم مذمت جوڳو آهي هن چيو ته اسٽيبلشمينٽ جي من پسند نگران سرڪار پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪري نوي ڏينهن اندر اليڪشن ڪرائڻ بدران معاشي ترقي جي نالي ۾ صوبن جي وسيلن تي قبضو ڪري رهي آهي. سرڪاري ادارن جي نجڪاري وسيلي ملڪي معشيت کي ڪاپاري ڌڪ رسايو ويو آهي. ملڪ جا اثاثا وڪڻي ملڪ کي ترقي ونراڻ جي پاليسي مان هاڃيڪار نتيجا نڪرندا. هن چيو ته نگران حڪومت پنهنجي آئيني حدن ۾ رهي ڪم ڪري. ماڙي جلباڻي سانحي مان ثابت ٿيو آهي ته سنڌ ۾ آئين ۽ قانون معطل آهي. سپريم ڪورٽ سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ تحرڪ ۾ اچي سنڌ جي زمينن ۽ معدنيات کي وڪڻي سنڌين جو استحصال بند ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۽ نام نهاد قبيلائي سردارن رياست اندر پنهنجي رياست قائم ڪري ملڪ جي رٽ کي چئلينج ڪيو آهي. شڪارپور ضلعي ۾ ڌاڙيلن طرفان هڪ ايس ايڇ او ۽ پنج اهلڪارن کي اغوا ڪرڻ حڪومت جي منهن تي چماٽ آهي. جا رياست ڌاڙيلن اڳيان ايتري بيوس ۽ لاچار آهي جو هوءِ پنهنجا اهلڪار به بچائي نٿي سگهي. پوليس پنهنجي تحفظ ڪرڻ ۾ ئي ناڪام ٿي چڪي آهي. سنڌ پوليس کي وڏيرن جي ونگارو فورس بڻايو ويو آهي. عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار چيو ته سنڌ ۾ نئون صوبو ناهي اسرائيلي سلطنت قائم ڪرڻ لاءِ مهم هلائي پئي وڃي. نام نهاد اردو ميڊيا اندر صحافين جي روپ ۾ ويٺل غيرجمهوري قوتن جي ملازمن کان نئين صوبي جي مهم هلائڻ وسيلي سنڌ جي وحدت ۽ وجود تي وار ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته غير قانوني افغانين جي واپسي جا مخالف انهن افغانين سان گڏ افغانستان هليا وڃن. سنڌ هڪ به غيرملڪي جو بار نٿي کڻي سگهي. 12 هزار کان وڌيڪ افغاني پاڪستاني پاسپورٽ تي سعودي عرب ۽ ٻين ملڪن ۾ رهن ٿا. انهن افغانين کي جعلي پاڪستاني پاسپورٽ ڏيندڙ سرڪاري ۽ ٻين سرڪاري عملدارن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته غير قانوني غير ملڪين خلاف آپريشن دوران پوليس غير قانوني افغانين کي گرفتار ڪرڻ بعد رشوت عيوض ڇڏي ڏيئي ٿي. عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر حور النساء پليجو چيو ته بدين ضلعو معدني وسيلن سان مالا مال آهي پران جي باوجود بدين جو عوام بکڻ ڪاٽڻ ۽ خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهي. اسڪول بند آهن صحت ۽ صاف پاڻي جي ڪابه سهولت ڪونهي نوجوان بيروزگار آهن. روڊ ۽ رستا تباهه آهن اربين روپين جي بجيٽ ڪرپشن جي ور چڙهيو وڃي. سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري چيو ته سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي سرپرستي ڪندڙ سردار قانون ۽ آئين کان بالاتر بڻيل آهن. ڌاڙيلن ۽ انهن جي سرپرست سردارن خلاف ڪوبه قانون لاڳو ڪندڙ ادارو قدم نٿو کڻي قبائلي ۽ سرداري نظام جي خاتمي کانسواءِ امن امان ممڪن ئي ڪونهي. سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري مروت هاليپوٽو چيو ته سنڌ ۾ عورتن سان ٿيندڙ ظلم تي سپريم ڪورٽ جي خاموشي مذمت جوڳي آهي. اعلي عدالت سنڌ ۾ قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. عوامي تحريڪ ضلعي بدين جي صدر جاڪرو نوحاڻي چيو ته سنڌ ۾ سازش تحت غير قانوني غير ملڪين کي قابض ڪيو پيو وڃي. سنڌ عالمي يتيم خانو ناهي. سنڌ ڪنهن به دهشتگرد، ڌوهاري ۽ منشيات فروش اسمگلرن جو ٺيڪو ناهي کنيو غير قانوني غير ملڪين کي فوري سنڌ مان نيڪالي ڏئي واپس موڪليو وڃي.

بقايا *** 32

حملن ۽ غزه جي محاصري جي ڀرزور مذمت ڪندي چيو ته فلسطين مسئلي تي پاڪستان ۽ سعودي عرب جو موقف تبديل نه ٿيو آهي. پاڪستان 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد فلسطيني رياست چاهي ٿو جنهن جو گادي جو شهر القدس الشريف هجي. پرڏيهي وزير ٻڌايو ته 18 آڪٽوبر تي جده ۾ او آءِ سي جو خصوصي اجلاس ٿيندو جنهن ۾ غزه جي انساني الميي تي ڳالهيون ٿينديون ۽ جنگبندي تي عمل ڪرڻ لاءِ پڻ غور ڪيو ويندو. هن زور ڏنو ته اسرائيل عالمي قانون جي پاسداري ۽ انساني حقن جو احترام يقيني بڻائي ۽ فلسطين بابت گڏيل قومن جي قراردادن جو احترام ڪري. اسرائيل 6 ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين فلسطينين تي ظلم ڪري رهيو آهي. جليل عباس جيلاني چيو ته تازي حملي ۾ به اسرائيل جارحيت جو مظاهرو ڪندي عام شهري آبادي تي بمباري ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت هزارين بيگناهه شهيد ٿيا. غزه ۾ پاڻي. خوراڪ. بجلي. علاج ڪجهه به نه رهيو آهي. جنهن سان انساني بحران جنم وٺي چڪو آهي. اها اسرائيل طرفان فلسطينين جي نسل ڪشي آهي. اسان فوري طور تي فلسطين امداد اماڻڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا سنڌيار 01

آهي جنهن جي ڪري چنڊ ڏسڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪرڻ لازمي آهي. مرڪزي چنڊ ڪميٽي صرف ڪڪرچانيل هجڻ جي ڪري ڪو به غلط فيصلو نه ڪري. پوري دنيا ۾ موسم تبديل هجڻ جي ڪري صرف هي مهينو 28 ربيع الاول ٿائين رهي ٿو. جنهن جي ڪري ان ۾ واڌ ڪرڻ بجاءِ اڄ ربيع الثاني جي پهرين تاريخ کي تسليم ڪيو وڃي. چنڊ لازمي آسمان تي نظر اچي ويندو. جنهن جي ڪري پوري دنيا جي مسلم امت کي چنڊ جي پهرين تاريخ تي فلسطين جي عوام خلاف اسرائيل جارحيت کي ختم ڪرڻ لاءِ مسجدن ۾ اجتماعي دعا جي پڻ اپيل ڪجي ٿي. س17

بقايا سنڌيار 02

ڪي خطاب ڪندي استاد اڳواڻن لطف علي ڪولاچي منظور لاشاري صدر گستا تعلقا ۽ پ ت الف اڳواڻ پرديپ ڪمار ڏيوات ۽ JEST ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻ احسان شاهاڻي چيو ته هڪ مهينو اڳ اسان جي استاد سليم جمالي جيڪو گورنمينٽ اليمينٽري اسڪول چني ۾ ڊيوٽي ڪندڙ آهي ۽ اسڪول کان واپسي دوران جوهي ٿاڻي جي حد ۾ ڪجھ نامعلوم ماڻهن پاران موٽرسائيڪل ۽ قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن جي اهڙي رپورٽ جوهي ٿاڻي ۾ داخل ڪرائي وئي ۽ ايس ايس پي دادو سان پڻ مختلف وقتن تي استاد اڳواڻن پاران ملاقاتون ڪيون پر هڪ مهينو گذري ويو پر استاد جي داد رسي نه ٿي سگهي ۽ وڏي افسوس جي ڳالھ ڦر ٿيل موبائل ٽريسنگ ۾ جوابدار پڻ ظاهر ٿيا آهن پر جوهي ايس ايچ او ڪابه ڪاروائي نه ڪري سگهيو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته متاثر استاد کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ قيمتي سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري مظلوم استاد سان انصاف ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ حقن جي حاصلات لاءِ سموري سنڌ جا استاد پريس ڪلبن جي زينت بڻجي سراپا احتجاج بڻيل هوندا

بقايا سنڌيار 03

وئي آهي. سکر پوليس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان ۾ ايس ايس پي سکر عرفان سمون چيو آهي ته 15 مددگار پوليس جي ٽيم مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ آڪربرجي جي اڏن تي ڇاپو هڻي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري مختلف ٿاڻن جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ سندن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 04

هنڌن کان ٿيندي اچي پريس ڪلب تي احتجاج مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ شريڪ اڳواڻن تعلقي صدر حبيب الله سبزوئي زيب سهرياڻي علي حسن سهرياڻي عبدالنبي بنگوار ۽ ٻين احتجاج دوران ڌاري آبادي سنڌ مان افغاني نڪالي ڪو افغاني ڳوجا نعرا هيا اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ مان ڌاريا ڪڍيا وڃن سنڌ کي افغانن کان پاڪ ڪيو وڃي افغاني سنڌ جيجل امڙ ۽ سنڌين لاءِ ناسور بڻيل آهن افغانين کي سنڌ مان نيڪالي نه ڏني وئي احتجاج جو دائرو وڏايو ويندو

بقايا سنڌيار 05

آور 141 ۽ پهرين لڳل جنسون ,218 ,275. 272 بابت ڄاڻ فراهم ڪئي وئي سيمينار کي زرعي ماهر بزنس مينيجر اختر علي ڪاڪا صاحب . ايريا مينيجر مير شاهد ٽالپر صاحب جن خطاب ڪيو گرين لٽ ڪمپني جا ڊيلر طفيل احمد جماري، الله ڏنو جت ۽ محمد نواز باجواهه زميندار سيد وقار علي شاهه سيد تيمور علي شاهه وڏيرو خان محمد ترڪ غلام مصطفيٰ جماري پير بخش ترڪ مير محمد ترڪ ديدار علي خواجه وڏيرو دوست علي جماري امير بخش جماري حضور بخش جماري حاجي لالا جماري اسحاق مهندو محمد حسن بروهي حاجي دائود ملاح غلام محمد درس سميت وڏي تعداد ۾ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي زرعي ماهر اختر علي ڪاڪا چيو ته گرين لٽ ڪمپني جي متعارف ڪرايل ٽئين ورائٽين بخت آور 218، 275، 203، .272 زرعي دنيا ۾ انقلابي قدم آهي 218 / 272 جي في ايڪڙ پيداوار 100 کان 130 مڻ آهي جنهن سان آبادگارن کي معاشي طور تي وڏو فائديمند ثابت ٿيندو آهي. آبادگار سارين جي پوکائي وقت بخت آور 218 سميت سيني ورائٽين کي ترجيح ڏين جيئن ڪسين زمينن مان زياده في ايڪڙ پيداوار حاصل ڪري سگهجي وڌيڪ سارين جي پوکائي کان پوءِ پاڻ پاڻي ۽ گرين لٽ انٽرنيشنل جي زرعي دوائن جو استعمال ڪن جيئن فصل کي بيمارين کان بچائي سگهجي سيمينار ۾ شريڪ آبادگارن کي مقامي آبادگار غلام مصطفيٰ جماري پاران پوکيل بخت آور 203 ورائٽي جو معائنو پڻ ڪرايو ويو

بقايا سنڌيار 06

پڙهي لکي سنڌ ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون تفصيل موجب قل شهر جي نياڻين جي اسڪول جو ڪم ٻن سالن کان رولڙي جو شڪار اسڪول جي گيٽ نه هجڻ سبب شهر جو سڄو گند ڪچرو اسڪول ۾ اڇلايو پيو وڃي ماڻهن پنهنجو چوپايو مال به اسڪول جي ڪمرن ۾ ٻڌي ڇڏيو ان سلسلي ۾ شهر جي سڄاڻ ڌرين سڳا اڳواڻ پروفيسر بخش علي چانڊيو. غلام مرتضيٰ قل. نعيم احمد پيرزادو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نياڻين جي تعليم هڪ اهم مسئلو آهي ۽ نياڻين جي پرائمري اسڪول جي عمارت جو ڪم ٻن سالن کان ٺيڪيدار اڌ ۾ ڇڏي پڇي ويو آهي جنهن جي ڪري اسڪول اندر گندڪچرو ۽ چوپايو مال ٻڌڻ نياڻين جي تعليم سان هڪ قسم جو مذاق آهي ان لاءِ اسان سنڌ حڪومت اعلي عدليه ۽ تعليم کاتي جي عملدارن کان مطالبو ٿا ڪيون ته جلد کان جلد اسڪول جو ٻن سالن کان بند پيل مرمتي ڪم شروع ڪرائي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن اسڪول ۾ نياڻين جي پڙهائي شروع ٿي سگهي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو ضلعي هيڊڪوارٽر تائين وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 07

پهچي احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ سرور سومرو محمد اسماعيل ۽ مائي وزيران خاتون سومرو احتجاج ڪندي ڏاتهيندي الزام لڳايو آهي ته اسانجو پاڙو محمد موسا سومرو جيڪو ابن ڏاڏن جي 10 ايڪڙ تي قبضو ڪري ڪوڙا ڪاتا ٺهرائي بااثر ماڻهن کي وڪرو ڪري ڇڏي آهي جنهن مان هونه اسان پائرن ۽ ڀينرن کي حصو ڏئي رهيو آهي نه ئي وري سئوٽن کي حصو ڏئي ٿو جنهن سبب سخت پريشان آهيون احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته پاڻ اسانکان بيان وٺڻ بدران زمين جا ڪوڙا ڪاتا ٺهرايا آهن اسانکي وارثن ۾ نه ڄاڻايو اٿس ان بابت ڊي سي سکر مختياڪار پنوعاقل سميت علائقي جي چڱن مڙسن کي دانهيو آهي پر ڪوبه تدارڪ ناهي ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن ڊي سي سکر ايس ايس پي سکر سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي حق ڪائيندڙ وڏي پاڙي خلاف ڪارروائي ڪري ڪوڙا ڪاتا رد ڪري اسانکي پنهنجو حق ڏياريو وڃي.

بقايا سنڌيار 08

۽ ٻين چيو ته اسرائيل پاران فلسطينين کي بي گناهه ٽارگيٽ ڪري قتل عام ڪيو پيو وڃي اسرائيل جي ظلم خلاف عالمي ادارو عملي ڪم ڪرڻ بجاءِ صرف پريس رليز جاري ڪري رهي آهي اسرائيل بيگناهه شهرين سان گڏ صحافين کي به ٽارگيٽ ڪري رهيا آهن جيڪا وڏي دهشتگردي آهي ان باوجود اقوام متحده جو خاموش رهڻ اسرائيل جو ساٿاري هجڻ جو ثبوت آهي هنن مطالبو ڪيو ته فلسطين مٿان اسرائيل جي جاري حملن کي روڪي فلسطين کي آزاد ڪرايو وڃي ۽ انساني حقوق جون تنظيمون سامهون اچي ڪري فلسطينين جي مدد ڪن

بقايا سنڌيار 09

ريٽ انفارميشن سيڪريٽري لاءِ محمد رفيق خروس ۽ خزانچي جي عهدي لاءِ فرحان علي خروس کي چونڊيو ويو عهديدارن کي چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني وئي ان موقعي تي ينگ متحد خروس برادر اتحاد جي نئين چونڊيل عهديدارن چيو ته اسان جي تنظيم برادري جي نوجوانن جي اصلاح ڪرڻ سان گڏ ڪين سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ آهي بي روزگار نوجوانن کي روزگار جي فراهمي ۽ مسئلن کي حل ڪرائڻ آهي خروس برادري جي نوجوانن کي گهرجي ته هو وڌ کان وڌ تنظيم ۾ شامل ٿي خروس برادري جي بهتري لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ حصو وٺن

بقايا سنڌيار 10

جيون پٽو جو اڪيلو فرزند 20 سالن جو نوجوان جواد حسين پٽو هن فاني جهان مان لاڏائو ڪري ويو جنهن جي جنازا نماز سنڌس ڳوٺ حسين پٽو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي مذهبي ادبي صحافي هر مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙن ۽ سنڌس جي دوستن مٽن مائٽن سميت ڳوٺ جي ماڻهن گهڻي کان گهڻي شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌس جي مڙهه کي ڳوٺ خانواهه جي مقام بلند شاهه ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته سنڌس جو ڏاڏو ڳڙهي خدا بخش پٽرلڳ ڳوٺ حسين پٽو ۾ رکيو ويو آهي. نوجوان مرحوم جواد حسين پٽو جي مامي علي بخش پٽو ٻڌايو ته منهنجي ڀائيجي کي اڄانڪ جسم جي هيٺين حسي مان ساهه ڇڏائجي ويو هو جنهن جي ڪري اسان فورن هن کي لاڙڪاڻي ڪٺي ويا سين ٽيسٽيون ڪرايون سين ڊاڪٽرن ڪراچي ڪٺي وڃڻ لاءِ چيو فورن ڪراچي ڪٺي ويا سين پر هو اتي فوت ٿي ويو منهنجو نوجوان ڀائيجو جنهن جي اٽڪل عمر 20 سال هئي 13. 10. 2023 بروز جمع جي ڏينهن بيماريءَ سان جهيڙيندي زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو آهي. اسان کي هن جو وڇڙ صدمو رسيو آهي الله پاڪ هن کي جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏيندو آمين. هوڏانهن پوئٽرن سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي.

بقايا سنڌيار 11

۾ اچي ويندو آهي جنهن جي هن ڳوٺ ۾ هر سال پوندڙ برسات جي ڪري 5 کان 6 فوٽ پاڻي ڳوٺ ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ مجبورن ڳوٺاڻن کي لڏپلاڻ ڪرڻي پوي ٿي ۽ سندن ڪاروبار ۽ فصل تباهه ٿي وڃن ٿا. جنهن ڪري اهي ڳوٺاڻن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ڪاشف اقبال ويلفيئر فائونڊيشن ۽ شڪاگو فرينڊز گنڊريل ڪيترن ئي سالن کان متاثرين جي مدد ڪري رهيا آهن انهي سلسلي ۾ هن پيري پڻ ڳوٺ جي ٽي سئوخاندانن ۾ راشن جا ٿيلها ورهايا ويا آهن. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي تنظيم جي اڳواڻ خالد آرائين ۽ مسز خالد آرائين چيو ته اسان جي تنظيم سڄي ملڪ جي قدرتي آفتن ۾ مدد ڪندي آهي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ فلاحي ڪم ڪري غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ ماڻهن کي راشن جا ڪپڙا ۽ گهر پڻ ناهي ڏنا ويندا آهن. ڪافي ڳوٺن ۾ واش روم به ناهيا ويا آهن. ان کان علاوه 16 گهرن جو ماڊل ڳوٺ به مڪمل ٿيڻ وارو آهي ۽ پوءِ اسان غريب ماڻهن لاءِ شيلٽر هوم ناهينداسين ته جيئن غريب ماڻهن کي گهر جهڙو ماحول ملي سگهي

بقايا سنڌيار 12

اڳواڻن شرڪت ڪئي جشن عيد ميلاد النبي پروگرام ۾ سنڌ جي مشهور ثنا خوان امداد حسين عطاري . حافظ عاشق حسين پکهيو . صغير احمد قادري سميت ڪيترن ئي حضور سرور ڪائنات جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانه پيش ڪيا پروگرام کي اسٽيج سيڪريٽري محمد صلاح الدين چانڊيو انتهائي خوبصورت ۽ منفرد انداز ۾ هلائي پروگرام ۾ سونهن پيدا ڪئي ان دوران حافظ عاشق حسين پکهيو ميلاد جون خوشيون ملهائيندڙ ميزبان چانڊيا برادريءَ کي شاعريءَ ۾ لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي عيد ميلاالنبي جلسي کي خطاب ڪندي سنڌ جي ناميارِي عالم دين ۽ درگاهه عاليه ويهڙ شريف جي سجاده نشين پير خليل احمد جان خطاب ڪندي چيو ته محفلون ، پروگرام ۽ جلسه ڪيترن ئي قسمن جا ٿين ٿا پر سڀني پروگرامن ۾ اُتم پروگرام آقا ڪريم جن جي ولادت جي خوشيءَ ۾ ڪرڻ وارو پروگرام آهي ۽ ارتزائي خوشنصيب آهن اهي جيڪي ههڙن پروگرام جا ميزبان يا ملهائيندڙ آهن هن چيو ته پاڪ پروردگار جلشانه فرمايو ته مون پنهنجي محبوب کي رحمت العالمين ڪري موڪليو آهي ان ئي سهڻي مدني سرڪار جن جو فرمان آهي ته مان ان وقت نبوت جو تاج پاتو هو جڏهن ڪائنات جو وجود نه هو نه سج هو نه چنڊ هو نه زمين هئي نه آسمان هو هن اهو به چيو ته آخر ۾ سڀني نبين جو سردار ڪري موڪلڻ به خالق ڪائنات جو رازِ پيار آهي جنهن بعد نبوت جو سلسلو ختم ڪيو ويو. ڪري اسان سڀني کي گهرجي ته الله پاڪ جلشانه ۽ ان جي رسول جن جي ڏسيل واٽ تي هلون اهو ئي ڪاميابيءَ جو رستو آهي پروگرام جي پڄاڻي حضور سرور ڪائنات تي صلوات ۽ سلام پڙهي اجتماعي دُعا گهري ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 13

ڪئي انهي موقعي تي جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ جاويد ناهيو غلام الله پريس ڪلب جي سال 24 _ 23 لاءِ نئين چونڊيل باڊي جي صدر دولترام ڪوهستاني سميت پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن ۽ ميمبرن کي مبارڪون ڏنيون ۽ اجرڪون پڻ اوڍايو انهي موقعي تي جئي سنڌ محاذ جي ضلعي اڳواڻ جاويد ناهيو پاران پريس ڪلب جي بهتري لاءِ غلام الله پريس ڪلب لاءِ ڏهه هزار فنڊ ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو جنهن کي پريس ڪلب جي صدر دولترام ڪوهستاني ۽ پريس ڪلب جي سمورن ميمبرن سنڌس ٿورا مڃيا انهي موقعي تي ٺٽي جو سينيئر صحافي پيرل پياسي ملاح پڻ موجود هو

بقايا سنڌيار 14

ڳوٺن ۾ گهر گهر وڃي معصوم ٻارڙن کي پوليو جهڙي موذي مرض کان بچائڻ لاءِ پوليو جا ڦڙا پيارينڊڙ پوليو ورڪرز ليڊي هيلٿ ورڪرز چتن ڪتن جي ڏاڙهڻ جو شڪار ٿي رهيون آهن. هيلٿ کاتي پاران مختلف ڏورانهان علائقن ۾ ويندڙ ٽيمن ۾ هرهڪ ٽيم ۾ اڪثر ڪري صرف 2 عورتون شامل هونديون آهن. جن کي نه ڪنهن سواري جو بندوبست ڪري ڏنو ويندو آهي ۽ نه ئي وري ساڻن گڏ ڪو مرد هوندو آهي جنهن ڪري هو چتن ڪتن جو آسان شڪار بڻجن ٿيون. گنڊريل ڏينهن به ڳوٺ ميان پوٽا ۾ پوليو مهم دوران پوليوجا قطرا پيارينڊڙ ليڊي هيلٿ ورڪر ياسمين ميمڻ ۽ ڳوٺ ناڪو ڪولهي ۾ پوليو ورڪر سيما ڪيهري کي چتن ڪتن ڏاڙهي وڌو. جنهن سبب سندن حالت انتهائي خراب ٿي وئي. جنهن سبب بدين جي ساجاهه وندن جو چوڻ آهي ته صحت کاتي بدين کي انهي معاملي تي نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ ڏوران علائقن ۾ پوليو مهم دوران پوليو جا ڦڙا پيارڻ ويندڙ ٽيمن کي سواري جو بندوبست ڪري ڏنو وڃي ته جيئن هو پنهنجو قومي فرض بهتر نموني سان انجام ڏئي سگهن.

بقايا سنڌيار 15

فرنٽ ۾ شامل پارٽين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني. قتل. اغوا ۽ ڀتا خوري تي افسوس جو اظهار ڪندي سنڌ ۾ اهڙن واقعن تي حڪومت ۽ انتظاميا تي سخت تنقيد ڪئي ۽ مختلف نعرا پاس ڪيا ويا. جن کي اڪثريت سان منظور ڪيو ويو. بعد ۾ سنڌ ليفٽ فرنٽ جي اڳواڻن سکر پريس ڪلب ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت ۽ انتظاميا تي سخت تنقيد ڪئي آهي. حڪومت ملڪ ۾ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي. غريب عوام مهانگائي ۾ هيٺ مري رهيو آهي. حڪومت کي عوام جي ڪا پرواهه ناهي. ملڪ اندر سنڌ جي قدرتي وسيلن تي ڦرلٽ ڪئي پئي وڃي. سنڌ ۾ بدامني جي فضا وڏي وئي آهي. قتل. ڀتا خوري. چوريون. ڦرون معمول بڻجي وئي آهي. پوليس ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. شهري پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيا آهن. سنڌ ليفٽ فرنٽ عوام جي حقن ۽ ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ هرفورم تي آواز اٿاريو ويندو ۽ تمام جلد احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 16

جي يوسي پٽئي جي مختلف ڳوٺن ڳوٺ عاشق علي شغ. ڳوٺ نورالدين جتوئي. ڳوٺ محمد حسن تنيو ڳوٺ شير محمد تنيو. ڳوٺ حضر خان شر. ڳوٺ محبوب شر. ڳوٺ محمد هاشم عمراڻي سميت يوسي لائق خان جسڪاڻي ۾ باگڙي برادري جي وڏي ڳوٺ مير خيرات فارم لڳ پيارو واهه ۾ 200 کان وڌيڪ باگڙي برادري جي گهرن کي مليريا وائرس کان بچاءَ وارو زهريلا جيت مار اسپري ڪرايو ويو جڏهن ته ڊسٽرڪٽ ڪائونسل اقليتي ميمبر اميت ڪسار باگڙي برادري جي 200 سيو گهرن جي وڏي ڳوٺ مير خيرات فارم لڳ پيارواهه ۾ يوسي چيرمين پرويز علي جسڪاڻي. يوسي سيڪريٽري لڏو مل. محمد اسحاق مهر. پنجومل باگڙي. ڪرشن لال سان گڏ اسپري ڪرايو ان موقعي تي يوسي چيئرمين پرويز علي جسڪاڻي ۽ ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ضلعي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه. چيف آفيسر سيد اڪبر علي شاهه ۽ وائس چيئرمين پاران ضلعي جي عوام کي مليريا جي آزار کان بچائڻ لاءِ مڇر مار اسپري ڪرائڻ وارو ڪم انتهائي سٺو قدم آهي. ڇاڪاڻ جو ضلعي ۾ مليريا جي بيماري وڌي رهي آهي جنهن کي روڪڻ ضروري آهي اسان سڀ سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ سيد اڪبر علي شاهه جا ٿورائتا آهيون جن عوام کي مڇرن ۽ مليريا کان بچائڻ لاءِ گهربل قدم کنيا آهن

بقايا سنڌيار 17

يڪجهتي جو اظهار ڪندي ڪين هر ممڪن سهڪار جو يقين ڏياريو. بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته سکر ۾ افغانين نڪالي بي. ڊاڪو راج، پريا ڪماري جي بازيابي ۽ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي عدم گرفتاري لاءِ سنڌ رهبر ڪميٽي پاران احتجاج ڪرڻ تي منهنجي، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ پنهل ساريو خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو. بعد عدالت مان اسان عبوري ضمانت ۾ 28 آڪٽوبر تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي. رابطا ڪميٽي جي احتجاج ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ پرامن احتجاج جا وڊيو ثبوت ۽ شاهديون موجود آهن. ڪنهن جي ٻه هٿ ۾ لٺ، پٿر، ڪهاڙي نه هئي. پوليس ڪيس ۾ الجهائڻ لاءِ طريقا استعمال ڪري رهي آهي. تنهن ڪري هنن شاهد پيش نه ڪيا. شاهد پيش نه ڪيا، هوڏانهن سنڌ رهبر ڪميٽي پاران سکر پريس ڪلب آڏو شروع ڪيل بک هڙتال تي ويٺل سنڌ مان اغوا ٿي ويل مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا.

بقايا سنڌيار 18

نه زمين خريد ڪري گهر به سان ٺهرايو آهي ان باوجود نافرمان پٽ گهر تي قبضو ڪرڻ لاءِ تشدد جو نشانو بڻائن پيا هن ايس ايس پي سکر سميت لاڳاپيل اختيارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 19

جو مطالبو خبر موجب نڪرانو ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ نڪرانو جي دستوري گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ گڏجاڻي واجد سومري جي صدارت هيٺ ٿي گذري. گڏجاڻي جو آغاز ربيع الاول جي نسبت سان ٿيو جنهن ۾ ڏات ڏٿين پنهنجي تخليقن سان حضور ص جن جي زندگي تي روشني وڌي. گڏجاڻي ۾ شاعرن برادي منگي نڪرانوي، اصغر سمون روبهري، عابد جاتي ملڪ. ممتاز مسيح. عطا سهتو مير حسن منگي ۽ ڪرم علي مهتم شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسرائيل پاران فلسطين تي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي، شاعرن بيت. ڪوتا، غزل پڙهي سنڌ ڌرتي کي ڀيٽا پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي گڏجاڻي جي آخر ۾ عالمي ادارن کان فلسطين مٿان ٿيندڙ ظلم جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 20

ضلعي دادو جي ڇٽي تعلقن جي باڊي چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ ضلع دادو صدر محمد حسن جاتوري جنرل سيڪريٽري زاهد صديقي تعلقه دادو صدر لالا فيروز ڪنهر جنرل سيڪريٽري نظير احمد بروهي تعلقه جوهي خليل عارف سومرو جنرل سيڪريٽري ايوب لغاري تعلقه ميهڙ صدر دانش ميراڻي جنرل سيڪريٽري جان ڪولاچي تعلقه ڪي اين شاهه اياز علي چانڊيو جنرل سيڪريٽري انعام انڙ جڏهن ته سرپرست اعلا حضور بخش ڳوپانگ چونڊيا ويا جنهن ۾ ڇٽي تعلقن سان تعلق رکندڙ راجا رفيق پنهور. چوڌري اصغر ٿهيم سميت 47 فنڪار ميمبر پڻ چونڊيا ويا جنهن بعد سڀني هڪ راءِ ٿي سنڌ فنڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳوڻي چيئرمين مرحوم سيد منور علي شاهه جي لاڏاڻي کان پوءِ فنڪارن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو جڏهن ته مرحوم سيد منور علي شاهه جي ياد ۾ فيسٽيول ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو تقريب ۾ آرٽ ڪائونسل پاڪستان ناهڻ جي لاءِ پڻ غور ويچار ڪيو ويو تقريب جو مهمان خاص سيد نثار شاهه هيو

بقايا سنڌيار 21

علي منگي چيو ته هن ڪائنات ۾ هر پيغمبر کي معجزو مليو ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجو پاڻ ۾ هڪ معجزو هئا. پاڻ ڪريم صلعم جي زندگي اُبتري پاڪيزه ۽ عظيم هجڻ سان گڏ انسان ذات لاءِ مشعل راهه آهي. وقت جي امامن، ولي ۽ اوليائن سيرت النبي صلعم جي روشنيءَ ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي ۽ ڪامياب ٿي ويا. اسان کي به رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زندگي کي مشعل راهه بڻائي هلڻ گهرجي ته ضرور ڪامياب ٿينداسين. پاڻ ڪريم صلعم جي زندگي ڪاميابيءَ جو گس ۽ هدايت جو درس آهي. سيرت النبي صلعم جو اصل پيغام آهي ته زندگي ڪيئن گذارجي انسانيت جي خدمت ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي استادن ٻيا شريڪ ٿيا. جڏهن ته ميلاد شريف جيهن پروگرام ۾ شاگردياڻين تقريرون. حمد و نعت پڙهي خوب داد حاصل ڪيو هوڏانهن اسڪول ۾ ائين ڪلاس جي ڪلاس ٽيچر استاد رب ڏنو ڪنيان جن شاگردنڪان ٽيسٽ ورتي پوزيشن ڪندڙن شاگردن ۾ ڀهرين پوزيشن ڪندڙ شاگرد سمير علي پٽو ٻئي پوزيشن ڪندڙ شاگرد سيف علي جرواز ۽ ٽئين پوزيشن ڪندڙ شاگرد عطا الله چانڊيو کي بهترين ڪارڪردگي ڏيڻ تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر عنايت علي منگي ڪامياب شاگردن کي انعام طور شيلڊ ڏنا ڪمپيئرنگ سائين بهادر علي ڪرتيو جن ڪئي. نعت پڙهندڙن ۾ سحر، عمير علي، لاريب. صدوري. پره . عائشه. ثانيه. بختاور. فاطمه ۽ اقرا بهترين نعتيون پڙهيون. آخر ۾ حضور جي بارگاهه ۾ سلام پيش ڪيو سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري خانواهه لاءِ دعائون گهريون ويون آخر ۾ ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جو لنگر ورهايو ويو ۽ دعا خير گهري وئي. اسڪول جي استادن توصيف علي سومرو. محمد ابراهيم پٽو. گل محمد شاهاڻي. ديدار حسين اوڊو ۽ ٻين استادن ۽ نائب قاصد منظار علي جرواز شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 22

سوالن ۽ تقرين جي مقابلي جو هڪ زبردست پروگرام ڪرايو ويو جنهن ۾ آس پاس جي مختلف اسڪولن جي شاگردن شاگردياڻين هن مقابلي ۾ حصو ورتو هن پروگرام جو مهمان خاص ضلعي چيئرمين حاجي سهيل اختر عباسي صاحب سميت تعلقه ايڊيو ڪيشن آفيسر مختلف اسڪولن جا هيڊ ماسترز هيڊ مسترس استاد صاحبان گستا پت الف جي عهديدارن ۽ شاگردن جي والدين پڻ شرڪت ڪئي پروگرام ۾ ڏهين ڪلاس کان وٺي ڇهين ڪلاس تائين جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ڀرپور نموني سان حصو ورتو هن مقابلي ۾ ڀهرين پوزيشن ڪلاس ڏهين ۽ ائين جڏهن ته ٻي پوزيشن ڪلاس ستين ۽ ڇهين ڪي ۽ ٽين پوزيشن نائين ڪلاس کي ڏني وئي پوزيشن ڪندڙ شاگردن کي ميڊل ٽرانيز ۽ روڪ رقم انعام طو ڏني وئي ان موقعي تي ضلعي چيئرمين حاجي سهيل اختر عباسي بهترين پوگرام ڪرڻ تي پرنسپل زين العابدين راڄپر ۽ سندس ٽيم کي مبارڪ باد ڏني ۽ چيو جس لهڻن استاد صحيان بهترين پروگرام تي هن چيو ته اڄ ٻارن جو ٽيلينٽ ڏسي خبر پئي ته واقعي استاد محنت ڪن ٿا ان موقعي تي پرنسپل زين العابدين راڄپر ضلع چيئرمين سميت سمورن مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو هن پروگرام ڪرڻ جو مقد ٻهراڙي جي ٻارڙن ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ شاگردن ۽ شاگرياڻين ۾ لڪيل ٽيلينٽ ظاهر ڪرڻ آهي

بقايا سنڌيار 23

Z21سپاري هٽ ڪري سنڌس خلاف ڪنديارو ٿاڻي تي گناهه نمبر 256/2023 مين پڙي سيڪشن تحت ڪيس داخل ڪير آهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته تمام جلد شهر کي منشيات ۽ سماجي برائين کان پاڪ ڪيو ويندو منشيات فروشن کي ڪنهن صورت برداشت نه ڪير ويندو ڪير ڪيترو به بااثر چونه هجي ان خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 24

مغل جنهن پاڙي وارن ياسر سومرو. خليل سومرو. محمد بخش پهيار. پرويز سومرو سان گڏجي پلاٽ تي ٿيندڙ قبضي خلاف احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ قبضو ڪندڙ ڊاڪٽر حسين سمون خلاف سخت نعري بازي ڪئي . هن صحافين آڏو دانهيندي چيو ته ڊاڪٽر سمون پنهنجي پائرن سان گڏجي پوليس جي ڏاڍ تي اسان جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ به دروازا وجهي ڇڏيا آهن هن جو چوڻ هو ته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي ڪاتو اسان جي وڏن جي نالي تي ٿيل آهن. هن الزام هڻندي چيو ته سٽي سرويئر عبدالشڪور ميمڻ ۽ پرائيويٽ ڪلارڪ عديل شيخ معرفت اسان جي جاءِ جا ڪاتا تبديل ڪيا آهن. هن چيو ته ڊاڪٽر سمون پنهنجي جاءِ ٺهرائڻ لاءِ اسان کان چابي گهري هئي. جنهن اسان جي شرافت جو ناجائز فائدو وٺندي اسان جي غير موجودگي ۾ اسان جي پلاٽ آڏو دروازا رجهي ڇڏيا آهن جيڪا اسان سان ناانصافي آهي هن چيو ته اسان لاءِ پوري پاڙي جا ماڻهو شاهدي ڏيندا ته اها پراپرٽي اسان جي وڏن جي آهي پر هاڻي هو پنهنجي پائرن جيڪي پوليس وارا آهن هنن جي ڏاڍ تي پلاٽ تي قبضو ڪري رهيو آهي هن چيو ته اسان کي ضلع انتظاميه کان اميد آهي ته هو انصاف ڪندا نه ته ٻي صورت ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 25

نويد ڏيرو جي فنڊ مان منظور ٿيل ٽي ڪلوميٽرن جي نئين روڊ جو ڪم بااثرن پاران پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪرائڻ خلاف فقير ڪوهي لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻن ٻڌايو ته ڪجھ بااثر ماڻهون اسان جي ڳوٺن جو منظورٿيل روڊ جنهن جو ڪم زيرو پوائنٽ کان فقير ڪوهي طرف ٿيڻو هو پر افسوس ڪجھ سياسي بااثر ماڻهون ان روڊ جو ڪم پنهنجي ڳوٺ کان شروع ڪرايو آهي جنهن سبب اسان جا ڪيترائي ڳوٺ ان روڊ جي سهولت کان ڪٽجي رهجن ٿا اسان روڊس کاتي جي آفيسرن ۽ ڊي سي سانگهڙ کان مطالبو ٿا ڪريون ته انهي روڊ جو ٿيندڙ ڪم زيرو پوائنٽ کان شروع ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 26

خان قلپوٽو سان سنڌس مرحوم پاءُ سردار غلام حيدر خان قلپوٽو جي وفات تي فاتحه خواني ڪري ڏک ونڊيو ۽ مرحوم جي حق ۾ خاص دعا ڪئي. ان موقعي تي عاشق حسين زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نواز شريف وزير اعظم ٿيڻ جو خواب نه ڏسي. ملڪ جو عوام هاڻي باشعور ٿي چڪو آهي. هن چيو ته چونڊون وقت تي ٿي ٿينديون. جنهن لاءِ اليڪشن ڪميشن تياريون ڪري رهي آهي. عاشق حسين زرداري چيو ته پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي وفاقي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو روشن مستقبل آهي. ملڪ جو عوام بلاول ڀٽو سان پيار ڪري ٿو. هڪ سوال جي جواب ۾ عاشق حسين زرداري چيو ته سنڌ ۾ صوبائي سيٽون گهٽائي زيادتي ڪئي وئي آهي. جنهن اعليٰ فورم تي آواز اٿاري رهيا آهيون. عاشق حسين زرداري چيو ته چيف سردار شيردل زاهد خان قلپوٽو کي جس هجي جنهن محنت ۽ بهادري سان جيڪا يوسي شاهه پنگيون هن پيري کٽي ورتي آهي. فتح حاصل ڪئي آهي. اها اڳ پيپلزپارٽي مخالف ڪنندا هيا. عاشق حسين زرداري چيو ته وقت جي ضرورت آهي ته سياست ۾ نوجوان اڳتي اچن ۽ ملڪ ترڙي عوام جي خدمت ڪن. ان کان اڳ چيف سردار شيردل زاهد خان قلپوٽو عاشق حسين زرداري کي سنڌ جي ثقافت واري بوسڪي جو پٽڪو پيش ڪيو ۽ تحفا ڏنا. ان موقعي يوسي چيئرمين نذير احمد قلپوٽو. يوسي چيئرمين مبين خان سمنگ. ٽي ضلعي ڪائونسل جو اڳوڻو ميمبرخان محمد قلپوٽو. غلام شبير قلپوٽو وڏير بگوخان سهاڳ رشيد قلپوٽو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 27

مهانگايي. پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ. منشيات فروشي ۽ فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ ۽ ساموندي پٽي تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ پاران بدين ۾ هزارين ماڻهن جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتون ۽ ٻارڙا شريڪ ريلي ۾ سنڌ ۾ ڌاريا_ نامنظور. افغاني سمورا_ نامنظور. زمينن تي قبضا_ بند ڪريو. ڪارونجهر ڪٽڻ_ بند ڪريو. ڪيرٿر تي قبضو_ نامنظور. وسيلن جي ڦرلٽ_ بند ڪريو. ڌاريا آڻڻ. نئون اسرائيل ٺاهڻ_ بند ڪريو ڌاڙيل راڄ_ نامنظور ساموندي پٽي تي قبضو نامنظورجا اپ ڏارينڊڙ نعرا. ريلي بدين جي والا چوڪ کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب ۽ ايوان صحافت وٽ پهچي وڏي عوامي جلسي عام ۾ تبديل ٿي وئي. ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار. مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار. مرڪزي نائب صدر حور النسا پليجو. سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري. سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري مروبت هاليپوٽو. ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي. زرقا هاليپوٽو. علي محمد پرويز. ايڊووڪيٽ وسند ٿري. ايڊووڪيٽ اظهار دائودپوٽو. ٽاليواري اديب مير حسن آريسر. ايڊووڪيٽ راحيل پٽو. جاڪرو نوحاڻي. محمد علي ٽالپر. ايڊووڪيٽ مير بشير ٽالپر. مهراڻ درس. اياز کوسو. علي محمد ڪلمتي. ايڊووڪيٽ فاضل زئور. ايڊووڪيٽ آصف کوسو. ايڊووڪيٽ رام ڪولهي. هميرو مل ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته پاڪستان ٺهڻ شرط محمد علي جناح جي اصولن تي عمل ڪرڻ بدران ملڪ جي ننڍن صوبن ۽ خاص ڪري سنڌ جي قدرتي ۽ معدني وسيلن. روزگار. شهرن ۽ لکين ايڪڙ زمينن تي وڏي سازش سان قبضو ڪيو ويو جناح جي سيڪيولر سوچ جي مخالف حڪمرانن ملڪ ۾ انتها پسندي ۽ جنونيت جي آبياري ڪئي. پاڪستان کي آزاد ۽ خود مختيار ملڪ بنائڻ ۽ اقتصادي طور تي مضبوط ڪرڻ بدران برطانوي سامراج جي تربيت يافته سياستدانن. سول بيورو ڪريسي ۽ جنرل ايوب جهڙن آمرن ملڪ کي ڦري لٽي ڪنگال بڻائي آمريڪي سامراج جي ڪالوني بڻائي ڇڏيو هن چيو ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن شهرن ۽ وسيلن تي قبضي ڪرڻ جي جيڪا سازش ڪئي وئي هئي هن وقت به اها ساڳي پاليسي جاري آهي. ون يونٽ هٽي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ هاڻي وري سبز انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪيو پيو وڃي. سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن ۽ مڪانن ڪارونجهر. گورگ. ڪيرٿر نيشنل پارڪ. گنجو ٽڪر. ڪينجهر ڍنڍ. هاليجي ڍنڍ. منڇر. پنيور سميت سنڌ جي ٻين تاريخي ثقافتي ماڳن تي والار جاري آهي. رهائشي اسڪيمن جي نالي ۾ سنڌ جي ثقافتي ماڳن تي قبضا سنڌ جو وجود ختم ڪرڻ جي سازش آهي.

بقايا سنڌيار 28

لاشاري ، صحافي عبدالجبار چانگ، صحافي شمن راڄپر، صحافي حاڪم جوکيو، صحافي عزيز ميمڻ، صحافي ذوالفقارسهتو، صحافي انصاف مگسي، صحافي سڄاد آرائين سرائي زاهد سامٽيو. الفت سهتو ۽ ٻين مٿان هنگورجا ، ايس ايڇ او ، فيڪٽري مالڪان کان ٽيه لک روپيا وٺي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ تان ، صحافين عبدالرزاق لاشاري. عطاحسين سهتو، ديدار عامر نزاڪت مري، صدام سهتو. تاج محمد رند، عرفان عامر، اظهر ٻوهيو سميت ٻين صحافين خانواهڻ لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري زوردار نعريبازي ڪري لنڪ روڊ بند ڪري ڇڏيو. اڳواڻن احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ت هنگورجا ۾ آبادگارن کي ڦٽي جو ريٽ سرڪاري ن ملڻ ۽ ڦٽي جي مڻ تي ناجائز ڪٽتي خلاف آبادگارن قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻيو. صحافين ان جي ڀرپور ڪوريج ڪئي حق ۽ سچ جي آواز کي اعليٰ اعوانن تائين پهچايو جيڪا ڳالهه فيڪٽرين جي دلال ڪرپٽ راشي ، ايس ايڇ او کان برداش ن ٿي جيڪو فيڪٽري مالڪان کان ٽيه لک روپيا وٺي پاوره صحافين مٿان ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي، جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ٿا ڪيون ته سومر تائين، اگر ڪوڙي، ايف آءِ آر، ختم ن ٿي ت دمادم مست قلندر ڪوڙي محمد ڪبير کان ٿيندو. پوري سنڌ جا قلم ڌڻي سراپا احتجاج هوندا

بقايا سنڌيار 29

تي جشن عيد ميلاد النبي جوش جذبي سان ملهايو ويو جنهن مختلف درگاهن جي گادي نشين درگاهه مسڪين پور جي سيد سخي احمد سائين درگاهه لوه صاحبان سيد جمال الدين شاهه سيد امام الدين شاهه وستي عنايت شاهه جي سيد سجاد حسين شاهه سيد عاشق رسول شاهه سيد عبدالواحد شاهه ڊسٽرڪٽ جيل گهوٽڪي جي جيل سپرينٽنڊنٽ ابوبڪر منگي رئيس ظهور چاچڙ رئيس نبي بخش چاچڙ رئيس رفيق احمد گهوٽو شرڪت ڪئي جڏهن ته پوري سنڌ جي مشهور نعت خوانن نعتون پڙهيون وڏي انگ ۾ عقيدتمندن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 30

aگرفتار نه ٿي سگهيا آهن .ايف آءِ آر ۾ قاتلن جا نالا شامل آهن جيڪي سکر کان ڪجھ مفاصلي تي بيلي ۾ ويٺل آهن .اهي سنڌ پوليس کان ڏاڍا آهن ڇو؟.ايڇ يو جي اڳواڻ لالا رحمان سمون خطاب ڪندي چيو ته اسان جو فيصلو آهي ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ شهيد جان محمد مهر جو تڏو وڇائينداسين .هن چيو ته شهيد جان مهر جي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو اسان جو آئيني حق آهي . هن چيو ته سنڌ جي بدقسمتي آهي جو سنڌ جي اهم منصب تي غير سنڌي ويٺل آهن جن کي هڪ بهادر صحافي جي قتل جي درد محسوس نه ٿو ٿئي. حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي صدر اقبال ملاح چيو ته شعوري طور جيڪي ماڻهون سنڌ ۽ مظلوم عوام لاءِ سوچين ٿا ۽ لوچين ٿا نه انهن کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو .هن چيو ته جان محمد مهر جو قتل انهن سمورن ماڻهن جو قتل آهي . جيڪي سنڌ لاءِ ڪم ڪن ٿا. ترقي پسند پارٽي اڳواڻ شاهه نواز سيال . عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار . سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي نائب صدر امير حسن آزاد .جئي پرڪاش موراڻي . ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن بدين جي صدر رفيق آرائين ، سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي ضلعي صدر مصطفيٰ جمالي بختاور جمالي ، ۽ ٻين تقريرون ڪري مطالبو ڪيو ته جان محمد مهر جي قاتلن کي جلدي گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ هي احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

بقايا سنڌيار 31

آهن. وفاقي حڪومت جي فيصلي باوجود پوليس انهن کي رعايت ڏئي رهي آهي. سنڌ مان غيرملڪين کي نيڪالي نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 32

گڏجاڻيءَ ۾ نامياري شاعر ۽ سنگت جي اڳوڻي مرڪزي آڊيٽر سجاد ميراڻيءَ ڪيو . سجادميراڻيءَ وڌيڪ چيو ته منهنجي راءِ ۾ نثري نظم ۽ آزاد نظم کي شاعريءَ جي صنفن ۾ نٿو ڳڻي سگهجي اهڙي تخيل کي نثري ٽڪرو يا مختصر ڪهاڻيءَ جو نانءُ ڏجي ته بهتر رهندو گڏجاڻيءَ ۾ صدارتي راءِ ڏيندي نئين ٿهيءَ جي شاعر مدثرڏاليت چيو ته هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ غزل ۽ وائي لکندڙ شاعرن پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ناميارا شاعر پڻ اچي وڃن ٿا گڏجاڻي ۾ غزل جي سيٻتي شاعر سعيد سنڌي غزل . سميع سجاد غزل . عنايت ٻرڙي وائي . ڪليم پٽو چوسٽا . آصف ديشي وائي . سيدمزمل غزل . استاد ڪندن لال غزل ۽ هريش ڏومبجا مضمون (هولي) اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيو جڏهن ته گڏجاڻيءَ جي شروعات لطيف سائينءَ جي وائي سان ڪئي وئي جيڪا سنگت جي ميمبر وقارسرمد جهونگاري ٻڌائي گڏجاڻيءَ ۾ فلسطينين جي قتل عام تي تشويش جو اظهار ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 33

گرفتار ڪيا وڃن ۽ سمورن ڌارين کي ڏيهه نيڪالي ڏني وڃي; مشتاق بخاري رپورٽ موجب سکر جي بيباڪ صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل واري واقعي، ماڙي جلباڻي سانحي ۽ سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري خلاف رتيديري ۾ ڏات ڏٿين پاران سخت احتجاج ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ اڄ "العباس ادبي منزل رتوديرو" تي ڏات ڏٿين جو هڪ احتجاجي ميڙاڪو ٿي گذريو جنهن ۾ ٽاليواري اديب ۽ صحافي مشتاق بخاري، مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو، عوامي شاعر سيد اختيار شاهه، مشهور سگهڙ ۽ سلات اڳواڻ ارشاد عرضاڻي، عزادار حسين پٽو عبدالسميع "عبد"، مسعود اختر ميمڻ، عرفان حيدر، رياض بخاري، نعيم عباس نقوي، مير ارشد مير، هالار ابڙو ۽ ٻين اديبن شاعرن ۽ سگهڙن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ بيباڪ صحافي جان محمد مهر جي قتل ۽ ماڙي جلباڻي سانحي ۾ ملوث سمورن جوابدارن ۽ سندن سهولتڪارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري ڪين عبرتناڪ سزا ڏيڻ سان گڏ افغانين سميت سمورن ڌارين کي ڏيهه نيڪالي ڏيڻ جي گهر ڪئي ان موقعي تي مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو پنهنجو نڪور نظم "سنڌ سڄي سوڳوار" ترنم ۾ ٻڌائي ماحول کي سوڳوار ڪري ڇڏيو ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ٽاليواري اديب شاعر ۽ صحافي سيد مشتاق بخاري ۽ ٻين ڏات ڏٿين چيو ته سکر جي بيباڪ صحافي جان محمد مهر جو بي رحمانو قتل ۽ ماڙي جلباڻي وارو سانحو ٻئي انتهائي ڏکائيندڙ واقعا آهن جن تي سموري سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي پر حڪمرانن جي مٿي تي جونءِ به نٿي چري هنن چيو ته سنڌ وڏي وقت کان وٺي افغان مهاجرن سميت ڌاري آبادڪاري جو بار برداشت ڪري رهي آهي جنهن جي موٽ ۾ سنڌ کي منشيات هٿيار بدامني ۽ بدحالي کان سواءِ ڪجھ نه مليو هنن مطالبو ڪيو آهي ته ٻنهي دلسوز واقعن ۾ ملوث سمورن جوابدارن ۽ سندن سهولتڪار کي فوري طور تي گرفتار ڪري ڪين عبرتناڪ سزا ڏيڻ سان گڏوگڏ سنڌ مان افغانين سميت سمورن ڌارين کي ڏيهه نيڪالي ڏني وڃي.س5

بقايا سنڌيار 34

وزير بئريسٽر عمر سومرو شاهي باغ پرسان هاڪي اسٽيڊيم ۽ پي سي بي ڪرڪيٽ جو دورو ڪيو . ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ۽ ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفيٰ ڪورائي پڻ گڏ هو. نگران وزير پي سي بي گرائونڊ جي حالت تي ڊسندي ڊپٽي ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته ان جي مرمت لاءِ پي سي بي کي لکيو وڃي . ان موقعي تي هاڪي گرائونڊ جي دوري دوران بئريسٽر عمر سومرو چيو ته هاڪي اسٽيڊيم تمام سلو ٺهيل آهي ان سان گڏ يوٿ ڊيولپمينٽ سينٽر به تعمير ٿي رهيو آهي . ۽ نوجوان هنن گرائونڊ تي کيڏن ۽ ملڪ جو نالوروشن ڪن هن چيو ته هاڪي اسٽيڊيم ۽ سول اسپتال سميت سرڪاري ادارن تي سياسي بينر ۽ ٽالا نه هڻڻ گهرجن. ان موقعي تي ايس ايس پي کي هدايت ڏني ته ڏاڙيلن وٽ مغوي پوليس اهلڪار ۽ عام ماڻهو جلد بازياب ڪرايا وڃن ۽ ان سلسلي ۾ رينجرس سان گڏجي حڪمت عملي جوڙي وڃي .س51

بقايا سنڌيار 35

ويو جنهن جو لاش هن وقت تائين هٿ اچي ناهي سگهيو جنهن جي مقامي ٽوبن جي مدد سان ڳولا جاري آهي. واقعي بعد مارجي ويل ايازعلي جو لاش ڪيتري دير تائين واقعي واري هنڌ پيل رهيو واقعي جي اطلاع تي نئون ديرو ٿاڻي جو ايس ايڇ او پوليس اٿالن سان جاءِ واردات وٽ پهتو جتي مارجي ويل ايازعلي جو لاش تحويل ۾ وٺڻ بعد نئون ديرو کان ٽوبا گهرائي مارجي ويل محمد حسن جي لاش جي ڳولا شروع ڪرائي. ڳوٺ ابراهيم جي واند واسي جيهنا برادري ۽ ڳوٺ پيارو ڏاهاڻي واسي ڏاهاڻي برادري جي ڌرين ۾ ڪارنهن مامري تان هلندڙ تڪرار تان مارجي ويل اياز علي جيهو جو لاش نئون ديرو اسپتال آندو ويو جتي پوسٽ مارٽم جاري آهي جڏهن ته مارجي ويل محمد حسن جيهو جو لاش وارهه ڪئنال مان هن وقت تائين هٿ نه اچي سگهيو آهي جنهن جي ڳولا لاءِ مقامي ٽوبا گهرائي لاش جي ڳولها ڪئي پئي وڃي. جتي وڏي تعداد ۾ مقتول جا وارث توڙي پوليس موجود آهي. ان ڏس ۾ اسپتال ۾ موجود مقتول اياز جي ماروٽ اظهار علي ٻڌايو ته اسان جا ٻئي نوجوان پنهنجي خيال سان ويٺل هئا ته ڏاهاڻي ڌر جي هٿيارپندن شريف. رحيم. پيارو ڏاهاڻي پنهنجي سائين سان گڏجي سڌي فائرنگ ڪري ڏني جنهن ۾ اسان جا 2 جڻا مارجي ويا آهن. ڏاهاڻي ڌر جو نوجوان اسان جي ڇوڪري ڪٺي ويو هو جنهن ڪانپوءِ هي جهيڙو شروع ٿيو اڳ به ڏاهاڻي ڌر جي ماڻهن اسان جا 2 جڻا قتل ڪيا آهن. پوليس هن وقت تائين جوابدارن کي گرفتار نه پئي ڪري جنهن ڪري اهي کليل گهمندا پيا وتن ۽ اسان جا ماڻهو ماريندا ٿا وتن. اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن نئون ديرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او اسلام الدين جتوئي جو چوڻ هو ته جيهنا _ ڏاهاڻي تڪرار تان واقعو پيش آيو آهي جنهن ۾ جيهنا ڌر جا 2 جڻا مارجي ويا آهن. اسان واقعي واري هنڌ موجود آهيون. اياز علي ۽ محمد حسن وارهه ريگيوليٽر وٽ مڇي ماري مڇي ماري رهيا هئا ته ڳوٺ پيارو ڏاهاڻي واسي ڏاهاڻي ڌر جي هٿيارپندن مٿن فائرنگ ڪري ڏني جنهن ۾ ٻئي جڻا مارجي ويا آهن جنهن مان هڪ جڻو محمد حسن وارهه ڪئنال ۾ ڪري ٻڏي ويو آهي جنهن جي لاش جي ڳولا مقامي ٽوبن جي مدد سان ڪري رهيا آهيون. ايازعلي جو لاش تحويل ۾ ورتو آهي جنهن جو پوسٽ مارٽم لاءِ نئون ديرو ڪرايو پيو وڃي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون. اضح رهي ته 3 سال سال اڳ پيار جي پرڻي واري مامري تان جيهنا ۽ ڏاهاڻي برادري جي ٻن ڌرين تڪرار شروع ٿيو جنهن ۾ هن وقت تائين ٻنهي ڌرين جا 8 ماڻهو موت جو ڪاج بڻجي چڪا آهن جنهن ۾ جيهنا ۽ ڏاهاڻي ڌرين جا ٻن عورتن سميت 4 ــ 4 ماڻهو شامل آهن.

بقايا سنڌيار 36

ايوب ڪوريجو. اصغر نوتاري. سليم هاليپوٽو. صدام زنگيجو. اعجاز سمون تعلقي صدر وڏيرو مجاهد هاليپوٽو . سليمان ٿهيم . احسان انصاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ايوبيه اسٽاپ تي نڪهن اس ۾ ڌرڻو هنيو ويو . ان موقعي تي پنهل جمالي ڳالهائيندي چيو ته ڌاريا سنڌ مٿان بوجهه بڻيل آهن چاليهه سالن کان وٺي سنڌ مٿان ڌارين جي يلغار آندي پئي وڃي جيڪي نه رڳو اسان جي معيشت تي بار آهن پر امن امان جو مسئلو پيدا ڪيو ويٺا آهن قانون مطابق مهاجرين کي ڪئمپن ۾ رهايو وڃي ها پر ڌاريا هتي ڪاروبار ڪري ملڪيتون خريد ڪري رهيا جيڪي اسان جي وجود حق حاڪميت لا خطرو آهن جن کي فوري طور سنڌ مان نيڪال ڪيو وڃي . وفاقي حڪومت واري 15 ڏينهن جي رهيل مدت واري الٽيميٽم تي عمل نه ڪيو ويو ته سنڌ جا قومي ڪارڪن عوام اسلام آباد جي ايوانن تائين احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.س1

بقايا سنڌيار 37

ڪتاب گهر جو 3 روز ميلو لڳايو ويو تفصيل موجب، خيرپورتائن شاهه جي عوام جي شعور ۾ اضافي لاءِ ڪتابن جي خريداري جي سهولت خاطر طبقاتي جدوجهد جي نوجوان سهيل چانڊيو ۽ ٻين پاران روشني پبليڪيشن جي سهڪار سان گشتي ڪتاب گهر جو 3 روز ميلو لڳايو ويو جنهن جي افتتاحي تقريب ۾ شهر جي سياسي سماجي ڌرين ايم ايس ڊاڪٽر سڪندر نائچ، ڊاڪٽر سيد ارباب علي شاهه، بخت برڙو غلام مصطفيٰ چنا ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪتابي ميلي دوران ڪتابن سان چاهه رکندڙن ميڊيا سان ڳالهيندي چيو ته ڪتاب انسان جي عظمت وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ٿو ڪري، سماج جي ترقي جو وڏو ڪارج ڪتاب آهن انهن جي مطالعي عام سان اسان دنيا سان ڪلهو ڪلهي سان ملهائي ترقي جي راهه تي گامزن ٿينداسين اڄ جي نوجوانن کي ڪتاب پڙهڻ تي گهڻو ڌيان ڏيڻ گهرجي اهڙا ڪتابي ميلا لڳڻ خوش آئينده ڳالهه آهي

بقايا سنڌيار 38

45 سالا ٽانگجي ولد روهيشي بجاڻو ۽ 50 سالن جو فقيرو بجاڻو شامل آهن جڏهن ته هڪ ڇٽي خاتو ڪولهي جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي جڏهن ته اهڙي اطلاع تي ايس ايڇ او گلاب لغاري علي اصغر ڳوپانگ سيني فوتين جي گهرن ۾ وارثن وٽ پهچي فوتين جي موت جو سبب پڇيو جنهن تي سيني فوتين جي وارثن مري ويلن جي موت کي طبي موت ڄاڻائي بيان ڏيندي چيو ته هو اڄانڪ فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته فوتين مان ڪيمچند مينگهواڙ جي تدفين ٿي چڪي آهي فوتين جا مڙهه سندن گهرن ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن فوت ٿي ريل ٽن ڄڻن مان ٻن فوتين ٽانگجي بجاڻو ۽ فقيرو بجاڻو جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ پوليس پاران پنهنجي جي لاشن کي آر ايڇ سي ٽنڊوغلام علي ٽيو ويو اهي رابطي ڪرڻ تي ايس ايڇ او گلاب لغاري جو چوڻ آهي ته اسان سوشل ميڊيا تي خبرون اچڻ بعد سيني وارثن جا بيان ورتا آهن جيڪي فوتين طرفان ڪا به نشي آور شئي واپرائڻ بابت انڪار ڪري رهيا آهن جنهن ڪري فوتين جي موت جو سبب ڄاڻڻ لاءِ سيني فوتين جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ويندو جنهن جي رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ ڪاروائي ڪئي ويندي جڏهن ته فوتين جي وارثن پاران ميڊيا آڏو بيان ڏيڻ کان انڪار ڪيو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 39

هٿ ڪيو ويو آهي، علائقي واسين پاڙي جو لاش ڏسي ماتلي پوليس کي اطلاع ڏنو. پوليس ايڌي رضاڪارن وسيلي پاڙي جو لاش ڪٺائي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو. جتي پاڙي جا وارث ظاهر نه ٿيڻ سبب پوليس ايڌي رضاڪارن وسيلي پاڙي کي مولوي نظر محمد قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو آهي. سڄاڻ شهرين اهڙن واقعن تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ماتلي ۽ پرپاسي ۾ تازن جاول پاڙن کي چوڪ، چوراهن، گند جي ڍيرن توڙي روڊن تي ائين بيدردي سان اڇلايو ٿو وڃي جنهن سبب زنده پاڙا به تڙپي تڙپي فوت ٿي وڃن ٿا انهن ٻارن جي موت جي ذميوارن خلاف پوليس طرفان ڪابه پراپر انويسٽيگيشن نه ٿيڻ ۽ انهن خلاف ڪاروائي نه ڪرڻ سبب اهڙن واقعن جو بار بار جنم وٺڻ افسوسناڪ عمل ۽ پوليس لاءِ سواليه نشان بڻيل آهي

بقايا سنڌيار 40

بجابو هاليپوٽو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ مسجد الاقصيٰ نيشنل پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا جن تي فلسطين جي حمايت ۽ اسرائيل خلاف نعرا لکيل هئا. ريلي ۾ جماعت اسلامي جي سوين ڪارڪنن سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي ضلعي بدين جي نائب امير الله بجايو هاليپوٽو چيو ته اسرائيلي ظلمن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فلسطيني مسلمانن سان يڪجهتي لاءِ جهاد جو اعلان ڪيو وڃي. ۽ او آءِ سي ۽ اقوام متحده کي مجبور ڪيو وڃي ته هو اسرائيل خلاف آواز اٿاري، ان موقعي تي ريلي جي شرڪت ڪندڙن اسرائيل خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي. صهيوني رياست غاصب صهيوني رياست فلسطيني عوام سان انتهائي ظلم ڪيو آهي. اسرائيلي فوج مظلوم فلسطينين تي فاسفورس بم ڪيرائي انساني حقن جي سخت پڃڪڙي ڪئي آهي ۽ زميني ڪارروايون پڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. رياستن جي جنگ جو اعلان شرمناڪ ۽ ذهني پسمانڌگي جي عڪاسي آهي، ان موقعي تي فتح خان ڪوسو محمد موسيٰ ملاح عبدالڪريم بليدي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 41

راجوٽي ذريعي واپس وارثن حوالي پڻ ڪيو ويو هو جنهن بعد عدالتي ۾ 164 جي بيان بعد ناري کي عدالت هڪ پيرو ٻيهر مڙس حوالي ڪيو جنهن بعد معاملي کي راجوٽي ذريعي به حل ڪيوسين تنهن جي باوجود به ميراڻي برادري جي هٿيارٻندن محمد مراد، محمد نواز، نظير احمد ۽ جاويد علي ميراڻي سائين سان گڏجي اسانجي گهرن مٿان حملو ڪيو ۽ گهرن مان ڦرلٽ ڪري سامان پڻ ڪٺي ويا آهن هنن اعلئ اختيارين کان معاملي جو نوٽيس وٺي تحفظ ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 42

بيواهه بڻجي چڪيون آهن انساني حقن جي لتاڙ ڪري ڪيترين ئي معصوم نياڻين جي عصمتن تي حملا تي حملا ٿي رهيا آهن پر سمورن مسلمان ملڪن سميت اقوام متحده خاموش تماشائي بڻيل آهي هنن وڌيڪ چيو ته فلسطين جي مظلوم عوام جي حق ۾ اسان عورتون پوري ملڪ جيان ٽنڊو محمد خان ۾ پڻ احتجاج ڪري فلسطيني مسلمانن تي اسرائيلي جارحيت جي پرزور مذمت ٿي ڪريون ۽ مطالبو ٿا ڪريون ته فلسطين مان اسرائلي قبضو ختم ڪرائي مسلمان جي قبلهٔ اول بيت المقدس تان اسرائيلي قابض فوجون هٽايون وڃن ۽ فلسطيني مسلمانن کي آزادي سان جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 43

ضلعي دادو جي ڇٽي تعلقن جي باڊي چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ ضلع دادو صدر محمد حسن جاتوري جنرل سيڪريٽري زاهد صديقي تعلقه دادو صدر لالا فيروز ڪنهر جنرل سيڪريٽري نظير احمد بروهي تعلقه جوهي خليل عارف سومرو جنرل سيڪريٽري ايوب لغاري تعلقه ميهڙ صدر دانش ميراڻي جنرل سيڪريٽري جان ڪولاچي تعلقه ڪي اين شاهه اياز علي چانڊيو جنرل سيڪريٽري انعام انڙ جڏهن ته سرپرست اعلا حضور بخش ڳوپانگ چونڊيا ويا جنهن ۾ ڇٽي تعلقن سان تعلق رکندڙ راجا رفيق پنهور. چوڌري اصغر ٿهيم سميت 47 فنڪار ميمبر پڻ چونڊيا ويا جنهن بعد سڀني هڪ راءِ ٿي سنڌ فنڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳوڻي چيئرمين مرحوم سيد منور علي شاهه جي لاڏاڻي کان پوءِ فنڪارن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو جڏهن ته مرحوم سيد منور علي شاهه جي ياد ۾ فيسٽيول ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو تقريب ۾ آرٽ ڪائونسل پاڪستان ناهڻ جي لاءِ پڻ غور ويچار ڪيو ويو تقريب جو مهمان خاص سيد نثار شاهه هيو

بقايا سنڌيار 44

مهانگايي. پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ. منشيات فروشي ۽ فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ ۽ ساموندي پٽي تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ پاران بدين ۾ هزارين ماڻهن جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتون ۽ ٻارڙا شريڪ ريلي ۾ سنڌ ۾ ڌاريا_ نامنظور. افغاني سمورا_ نامنظور. زمينن تي قبضا_ بند ڪريو. ڪارونجهر ڪٽڻ_ بند ڪريو. ڪيرٿر تي قبضو_ نامنظور. وسيلن جي ڦرلٽ_ بند ڪريو. ڌاريا آڻڻ. نئون اسرائيل ٺاهڻ_ بند ڪريو ڌاڙيل راڄ_ نامنظور ساموندي پٽي تي قبضو نامنظورجا اپ ڏارينڊڙ نعرا. ريلي بدين جي والا چوڪ کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب ۽ ايوان صحافت وٽ پهچي وڏي عوامي جلسي عام ۾ تبديل ٿي وئي. ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار. مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار. مرڪزي نائب صدر حور النسا پليجو. سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري. سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري مروبت هاليپوٽو. ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي. زرقا هاليپوٽو. علي محمد پرويز. ايڊووڪيٽ وسند ٿري. ايڊووڪيٽ اظهار دائودپوٽو. ٽاليواري اديب مير حسن آريسر. ايڊووڪيٽ راحيل پٽو. جاڪرو نوحاڻي. محمد علي ٽالپر. ايڊووڪيٽ مير بشير ٽالپر. مهراڻ درس. اياز کوسو. علي محمد ڪلمتي. ايڊووڪيٽ فاضل زئور. ايڊووڪيٽ آصف کوسو. ايڊووڪيٽ رام ڪولهي. هميرو مل ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته پاڪستان ٺهڻ شرط محمد علي جناح جي اصولن تي عمل ڪرڻ بدران ملڪ جي ننڍن صوبن ۽ خاص ڪري سنڌ جي قدرتي ۽ معدني وسيلن. روزگار. شهرن ۽ لکين ايڪڙ زمينن تي وڏي سازش سان قبضو ڪيو ويو جناح جي سيڪيولر سوچ جي مخالف حڪمرانن ملڪ ۾ انتها پسندي ۽ جنونيت جي آبياري ڪئي. پاڪستان کي آزاد ۽ خود مختيار ملڪ بنائڻ ۽ اقتصادي طور تي مضبوط ڪرڻ بدران برطانوي سامراج جي تربيت يافته سياستدانن. سول بيورو ڪريسي ۽ جنرل ايوب جهڙن آمرن ملڪ کي ڦري لٽي ڪنگال بڻائي آمريڪي سامراج جي ڪالوني بڻائي ڇڏيو هن چيو ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن شهرن ۽ وسيلن تي قبضي ڪرڻ جي جيڪا سازش ڪئي وئي هئي هن وقت به اها ساڳي پاليسي جاري آهي. ون يونٽ هٽي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ هاڻي وري سبز انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪيو پيو وڃي. سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن ۽ مڪانن ڪارونجهر. گورگ. ڪيرٿر نيشنل پارڪ. گنجو ٽڪر. ڪينجهر ڍنڍ. هاليجي ڍنڍ. منڇر. پنيور سميت سنڌ جي ٻين تاريخي ثقافتي ماڳن تي والار جاري آهي. رهائشي اسڪيمن جي نالي ۾ سنڌ جي ثقافتي ماڳن تي قبضا سنڌ جو وجود ختم ڪرڻ جي سازش آهي.

بقايا سنڌيار 45

علي منگي چيو ته هن ڪائنات ۾ هر پيغمبر کي معجزو مليو ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجو پاڻ ۾ هڪ معجزو هئا. پاڻ ڪريم صلعم جي زندگي اُبتري پاڪيزه ۽ عظيم هجڻ سان گڏ انسان ذات لاءِ مشعل راهه آهي. وقت جي امامن، ولي ۽ اوليائن سيرت النبي صلعم جي روشنيءَ ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي ۽ ڪامياب ٿي ويا. اسان کي به رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زندگي کي مشعل راهه بڻائي هلڻ گهرجي ته ضرور ڪامياب ٿينداسين. پاڻ ڪريم صلعم جي زندگي ڪاميابيءَ جو گس ۽ هدايت جو درس آهي. سيرت النبي صلعم جو اصل پيغام آهي ته زندگي ڪيئن گذارجي انسانيت جي خدمت ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي استادن ٻيا شريڪ ٿيا. جڏهن ته ميلاد شريف جيهن پروگرام ۾ شاگردياڻين تقريرون. حمد و نعت پڙهي خوب داد حاصل ڪيو هوڏانهن اسڪول ۾ ائين ڪلاس جي ڪلاس ٽيچر استاد رب ڏنو ڪنيان جن شاگردنڪان ٽيسٽ ورتي پوزيشن ڪندڙن شاگردن ۾ ڀهرين پوزيشن ڪندڙ شاگرد سمير علي پٽو ٻئي پوزيشن ڪندڙ شاگرد سيف علي جرواز ۽ ٽئين پوزيشن ڪندڙ شاگرد عطا الله چانڊيو کي بهترين ڪارڪردگي ڏيڻ تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر عنايت علي منگي ڪامياب شاگردن کي انعام طور شيلڊ ڏنا ڪمپيئرنگ سائين بهادر علي ڪرتيو جن ڪئي. نعت پڙهندڙن ۾ سحر، عمير علي، لاريب. صدوري. پره . عائشه. ثانيه. بختاور. فاطمه ۽ اقرا بهترين نعتيون پڙهيون. آخر ۾ حضور جي بارگاهه ۾ سلام پيش ڪيو سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري خانواهه لاءِ دعائون گهريون ويون آخر ۾ ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جو لنگر ورهايو ويو ۽ دعا خير گهري وئي. اسڪول جي استادن توصيف علي سومرو. محمد ابراهيم پٽو. گل محمد شاهاڻي. ديدار حسين اوڊو ۽ ٻين استادن ۽ نائب قاصد منظار علي جرواز شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 46

آور 141 ۽ پهرين لڳل جنسون ,218 ,275. 272 بابت ڄاڻ فراهم ڪئي وئي سيمينار کي زرعي ماهر بزنس مينيجر اختر علي ڪاڪا صاحب . ايريا مينيجر مير شاهد ٽالپر صاحب جن خطاب ڪيو گرين لٽ ڪمپني جا ڊيلر طفيل احمد جماري، الله ڏنو جت ۽ محمد نواز باجواهه زميندار سيد وقار علي شاهه سيد تيمور علي شاهه وڏيرو خان محمد ترڪ غلام مصطفيٰ جماري پير بخش ترڪ مير محمد ترڪ ديدار علي خواجه وڏيرو دوست علي جماري امير بخش جماري حضور بخش جماري حاجي لالا جماري اسحاق مهندو محمد حسن بروهي حاجي دائود ملاح غلام محمد درس سميت وڏي تعداد ۾ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي زرعي ماهر اختر علي ڪاڪا چيو ته گرين لٽ ڪمپني جي متعارف ڪرايل ٽئين ورائٽين بخت آور 218، 275، 203، .272 زرعي دنيا ۾ انقلابي قدم آهي 218 / 272 جي في ايڪڙ پيداوار 100 کان 130 مڻ آهي جنهن سان آبادگارن کي معاشي طور تي وڏو فائديمند ثابت ٿيندو آهي. آبادگار سارين جي پوکائي وقت بخت آور 218 سميت سيني ورائٽين کي ترجيح ڏين جيئن ڪسين زمينن مان زياده في ايڪڙ پيداوار حاصل ڪري سگهجي وڌيڪ سارين جي پوکائي کان پوءِ پاڻ پاڻي ۽ گرين لٽ انٽرنيشنل جي زرعي دوائن جو استعمال ڪن جيئن فصل کي بيمارين کان بچائي سگهجي سيمينار ۾ شريڪ آبادگارن کي مقامي آبادگار غلام مصطفيٰ جماري پاران پوکيل بخت آور 203 ورائٽي جو معائنو پڻ ڪرايو ويو

بقايا سنڌيار 47

مهانگايي. پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ. منشيات فروشي ۽ فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ ۽ ساموندي پٽي تي قبضي خلاف عوامي تحريڪ پاران بدين ۾ هزارين ماڻهن جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتون ۽ ٻارڙا شريڪ ريلي ۾ سنڌ ۾ ڌاريا_ نامنظور. افغاني سمورا_ نامنظور. زمينن تي قبضا_ بند ڪريو. ڪارونجهر ڪٽڻ_ بند ڪريو. ڪيرٿر تي قبضو_ نامنظور. وسيلن جي ڦرلٽ_ بند ڪريو. ڌاريا آڻڻ. نئون اسرائيل ٺاهڻ_ بند ڪريو ڌاڙيل راڄ_ نامنظور ساموندي پٽي تي قبضو نامنظورجا اپ ڏارينڊڙ نعرا. ريلي بدين جي والا چوڪ کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب ۽ ايوان صحافت وٽ پهچي وڏي عوامي جلسي عام ۾ تبديل ٿي وئي. ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار. مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار. مرڪزي نائب صدر حور النسا پليجو. سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري. سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري مروبت هاليپوٽو. ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي. زرقا هاليپوٽو. علي محمد پرويز. ايڊووڪيٽ وسند ٿري. ايڊووڪيٽ اظهار دائودپوٽو. ٽاليواري اديب مير حسن آريسر. ايڊووڪيٽ راحيل پٽو. جاڪرو نوحاڻي. محمد علي ٽالپر. ايڊووڪيٽ مير بشير ٽالپر. مهراڻ درس. اياز کوسو. علي محمد ڪلمتي. ايڊووڪيٽ فاضل زئور. ايڊووڪيٽ آصف کوسو. ايڊووڪيٽ رام ڪولهي. هميرو مل ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته پاڪستان ٺهڻ شرط محمد علي جناح جي اصولن تي عمل ڪرڻ بدران ملڪ جي ننڍن صوبن ۽ خاص ڪري سنڌ جي قدرتي ۽ معدني وسيلن. روزگار. شهرن ۽ لکين ايڪڙ زمينن تي وڏي سازش سان قبضو ڪيو ويو جناح جي سيڪيولر سوچ جي مخالف حڪمرانن ملڪ ۾ انتها پسندي ۽ جنونيت جي آبياري ڪئي. پاڪستان کي آزاد ۽ خود مختيار ملڪ بنائڻ ۽ اقتصادي طور تي مضبوط ڪرڻ بدران برطانوي سامراج جي تربيت يافته سياستدانن. سول بيورو ڪريسي ۽ جنرل ايوب جهڙن آمرن ملڪ کي ڦري لٽي ڪنگال بڻائي آمريڪي سامراج جي ڪالوني بڻائي ڇڏيو هن چيو ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن شهرن ۽ وسيلن تي قبضي ڪرڻ جي جيڪا سازش ڪئي وئي هئي هن وقت به اها ساڳي پاليسي جاري آهي. ون يونٽ هٽي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ هاڻي وري سبز انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪيو پيو وڃي. سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن ۽ مڪانن ڪارونجهر. گورگ. ڪيرٿر نيشنل پارڪ. گنجو ٽڪر. ڪينجهر ڍنڍ. هاليجي ڍنڍ. منڇر. پنيور سميت سنڌ جي ٻين تاريخي ثقافتي ماڳن تي والار جاري آهي. رهائشي اسڪيمن جي نالي ۾ سنڌ جي ثقافتي ماڳن تي قبضا سنڌ جو وجود ختم ڪرڻ جي سازش آهي.

روزاني سنڌيار کي
نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار
Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر ۾ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com